

رهبر
جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جسمر جو ترجمان
سنڌي شاگردن جي
حقن لاءِ جاکوڙيندڙ
شاگردن جا ملندڙ لاش
سنڌ يونيورسٽي جتي
رياستي داداگيري عروج
تي آهي.
جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (جسمر) جا شهيد اڳواڻ
شهيد شڪيل ڪنهارو، شهيد افضل پنهور ۽ شهيد آصف پنهور
Scan QR Code

# سنڌ جا تعليمي ادارا جتي رياستي داداگيري عروج تي آهي

## (اداري پاران)

دنيا جي آزاد ۽ خودمختيار ملڪن جيڪا ترقي ڪئي آهي، ان سموري ترقيءَ ۾ انهن ملڪن جي تعليمي ادارن جي سڀ کان وڏو ڪنٽريبيوشن آهي. انهن تعليمي ادارن ۾ جديد ٽيڪنالاجي سائنس ۽ هر شعبي سان واڳيل علم جا درياءُ وهن ٿا جن ۾ اتان جي علم جا طالبو پنهنجي اڄ اجهائي پنهنجي قوم جو مستقبل روشن بڻائن ٿا، تعليم جي اعليٰ معيار هجڻ ڪري ڪيترائي پٺ تي پيل ملڪ ڏسندي ئي ڏسندي ترقيءَ جي منارن کي ڇهڻ لڳا. جن ۾ انڊيا، برازيل، اٽلي، ميڪسيڪو، اسرائيل، پولينڊ ترڪي ۽ جرمني جهڙن ملڪن جا مثال اسان جي اڳيان آهن. مٿي ڄاڻايل ملڪ اسان جي اکين اڳيان مثال آهن جن گذريل 50 سالن ۾ تعليم جي ذريعي پنهنجو نالو روشن ڪيو آهي. دنيا جي سمورن پنهنجي ملڪ سان محبت ڪندڙ حڪمرانن اهو ڀلي ڀت جا تو پئي ته مفلسي، روزگار جي اڻهوند ۽ ڪمزوريءَ کان تعلمي ئي اسان کي بچائي سگهي ٿي ، انهن سمجهي ورتو هو ته معياري تعليم لاءِ اعليٰ تعليمي درسگاه جوڙي، غلامي، غربت ۽ غير مهذبپڻي کي پڇائي ڪڍي سگهجي.

پر جڏهن اسان پاڻ ڏانهن نظر وجهون ٿا ته اسان گذريل 67 سالن ۾ پاڪستان جي جبري الحاق جو حصو بڻجندي ڇا ڇا نه وڃايو آهي؟ پاڪستان جو حصو بڻجڻ کان اڳ اسان سنڌي ڀلي جو انگريز سامراج جا غلام هياسين پر انگريز فقط ۽ فقط اسان جي معاشيت لٽڻ لاءِ اسان تي قا بض هيو. انگريزن اسان جي ٻولي ، ثقافت، اخلاقي قدر، تهذيب ۽ جاگرافيءَ کي مڪمل تباه و برباد ڪرڻ بجاءِ انهن کي اجاگر ڪيو ، اڄ جنهن رسم الخط ۾ اسان پنهنجي ٻولي لکي رهيا آهيون اها به 1852 ۾ رچرڊ برٽن ڏاهي ، سر جان مارشل 1920 موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪري سموري دنيا کي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي قدامت تهذيب ۽ اوائلي مهذب انسان هجڻ جا ثبوت ڏنا. اسان جي پيغمبر شاه لطيف کي به ايچ ٽي سورلي ۽ ليمبرڪ وڏي تحقيق کان پوءِ اسان کي چٽو ڪري ڏنو نه ته ان کان اڳ اسان وٽ پڻائي فقط پٽ ڏيندڙ مرشد طور سڃاتو ويندو هئو، مطلب اسان پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ کان اڳ ڪجهه نه ڪجهه ماٺهيي ۾ هئاسين اسان جو ادب ، اسان جي ٻولي، اسان جي ثقافت وڏيڪ اجاگر ٿي هئي . اسان جي وڏڙن پاڪستان کي مسلمان ڀائرن جو ملڪ سمجهي ان ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اهو سمجهيو ته هن مسلمانن جي ملڪ ۾ اسان کي خودمختياري هوندي پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي وسيلن جا پاڻ مالڪ هونداسين ۽ ٻين مسلمان ڀائرن سان گڏ خوش زنگي گذاريندا سين پر اهو پاڪستان اسان سنڌين جي لاءِ قيد خانو ثابت ٿيو ۽ اهو اسان جا مسلمان ڀائر ان قيد خاني اندر اسانجو رت چوسيندا رهيا آهن بقول سائين جي ايم سيد جي اسان سان پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ بعد ان ميجيءَ جهڙو حشر ٿيو آهي جنهن پنهنجي جان بچائڻ لاءِ فرائي پان مان ڇلانگ ڏني ته وچ آڙاهه مچ ۾ وڃي ڪري. پاڪستان به اسان لاءِ دوزخ جي آڙاهه مچ وانگر ثابت ٿيو آهي. پاڪستان تي حڪمراني ڪندڙ پنجابي فوج اسان غلام سنڌين ۽ بلوچن سان ظلم ۽ استحصالي جي حد ڪري ڇڏي آهي جنهن جو اثر ان مان ظاهر آهي ته اسان جي ڌرتيءَ تي ڌارين جو لوڏون حملي آورن جي شڪل ۾ اڄن ٽيون پنجابي، افغاني، پٺاڻ ، بنگالي اسان وٽ ڪروڙن جي تعداد ۾ آهن اهي ڌرتي ڌڻين سان معاشي استحصالي ، ڏاڍ ۽ جبر ڪندا رهن ٿا اسان جو معاشي استحصال ڪري اتي ڌاريا عربين رپين جا ڪاروبار ڪن ٿا هزارين ايڪڙ آبادي لائق زمينن تي قبضو ڪري

زميندار ٻڌجي وڃن ٿا ڏاريا سن جي هاري ، مزدور، پروهيت ۽ پڙهيل لکيل ڊگري يافته نوجوانن سميت سڀني طبقن جو استعمال ڪري پاڻ نوڪرين تي ڪارخانن تي سنڌي جي درياءُ ۽ سمنڊ تي، سنڌ جي گئس ، ڪوئلي، تيل ۽ قيمتي پٿر تي مڪمل قبضو ڪري ويٺل آهن. اسان جي انيڪ قومي ملڪيت هوندي به اسان پنهنجي گهر جي چلهه ٻارڻ لاءِ پنهنجي جگر جي ٽڪڙن پنهنجي اولاد کي وڪڻڻ تي مجبور آهن انهي اسان جي ملڪيت تي اسان جي مالڪي يا ان مان حصي جو ملڻ ته پري رهيو پر ان تيل گئس ڪمپنين سمنڊ جي بندر گاهه تي چوڪيدار اءِ پٽيوالو به سنڌ جو ماڻهو نٿو بنجي سگهي. ايتري قدر جو انهن ڪمپنين جي مسجدن ۾ پيش امام به پنجابي مقرر ٿئي ٿو. ان ڪان علاوه پنجابي اسان جي سموري قومي اصتحصال باوجود جيڪو اسان ڪان تعليمي جو زيور ڦريو آهي اهو اسان جي قومي بقا کي خطري ۾ وجهڻ جي گهنتي آهي . اسان جي ماضيءُ جي تعليم جا قصا اهي آهن جڏهن 1947ع ۾ مهاجر هندستان مان سنڌ پهتا ته انهن جا ٻار سنڌ جي اسڪولن ۾ 7 درجا فائنل پاس ڪرڻ ۾ 8 يا 10 سال لڳائيندا هئا پوءِ به اهي پاس نه ٿي سگهندا هئا مجبورن مهاجرن پنهنجي ٻارن کي پنجاب جي اسڪولن ۾ داخل ڪرايو ۽ انهن پنجابين جي اسڪولن جي پوزيشن هولڊر شاگردن کي سنڌ جي اسڪولن ۾ داخلا ملڻ مشڪل هوندو هو اهو ئي سبب هو جو مهاجر پنجابي مستقل مفاد تحت سنڌ جي تعليم جو ٻيڙو ٻوڙيو ويو تعليم جي ڪاتي ۾ وڏي مهارت سان اڻپڙهيل ۽ جاهل ماڻهن کي پئسن جي رشوت ۽ وڏيرن جي سفارش هيٺ ڀرتي ڪيو ويو جيڪو سلسلو اڄ تائين جاري آهي استاد جنهن جو مان ۽ مرتبو سنڌ اندر ايڏو ته اعليٰ هئو جو اهو استاد سماج جي ترقي ۽ سڌاري جي علامت سمجهيو ويندو هئو اهو استاد نه رڳو اسڪول اندر شاگردن کي تعليمي علمي تربيت ڏيندو هئو بلڪ سماج اندر موجود برائين ڪان بچڻ لاءِ ۽ سماجي سڌاري ۽ ترقيءُ لاءِ پڻ شاگردن سميت سمورن سماج جي فردن جي تربيت ڪندو هئو ، انهن ئي استادن جي محنت سان سنڌ جو سماج مذهبي مت ڀيد ڪان مٿاهون ، امن ڀائچاري ، علم ۽ مهمان نوازيءُ جو مرڪز بڻيل هئو پر ٿوري ئي عرصي ۾ انهن مهان استادن جي جاءِ تي سماجي برائين جي جڙ ۽ جاهل استادن کي وهاريو ويو شايد پٽائي انهيءُ سانهي جي اڳڪٿي ڪندي چيو هئو ته ويا مور مري ، هنج نه رهيو هيڪڙو ، انهن آکيرن تي ويٺا چپ چڙهي. اڄ جا استاد جيڪي پنهنجي پيغمبري پيشي کي روزي ڪمائڻ جو ذريعو سمجهندا هجن جيڪي استاد اسڪول وڃڻ کي عيب سمجهندا هجن ، جيڪي علم جي اهميت ڪان اڻواقف هجن اهي استاد معاشري کي ڪهڙو سڌاري سگهندا ، معاشري جي ترقي ۽ سڌاري جو پهريون جز ئي شاگرد آهي جنهن جي تربيت ذريعي سماج جو مستقبل روشن ڪري سگهجي ٿو ، والدين پنهنجي ٻارن کي اسڪول ان نيت يا اميد سان موڪليندا آهن ته استان هنن جي بهتر تعليمي تربيت ڪري انهن ۾ سماجي ترقي جون صلاحيتون پيدا ڪندا پر جيڪڏهن اهي استاد پاڻ اڻ پڙهيل عقل ڪان وانجهيل دنوي لالچ جي پويان سماجي برائيون ڪندڙ هجن ته پوءِ سماج جو ڇا ٿيندو انهن شاگردن جو ڇا ٿيندو؟ سنڌي سماج اندر استاد کي عزت جي نگاهه سان ان جي ڪم ڪري ڏٺو ويندو هئو انهن کي پيرن هٿ رکي ان ڪري ملبو هئو جو انهن جي پيرن جي اها عظمت هئي جن وڏي جفاڪشيءُ سان انقلابي پنڌ ڪيا هئا . ڇا اڄ جو استاد ان عزت ۽ منجتا جو لائق آهي ؟ آءٌ سمجهان ٿو اڄ جي تعليم دشمن استادن سان جيڪو رويو هجڻ گهرجي ان جو اظهار سنڌ جي نوجوانن سوشل ميڊيا ذريعي ڪري ڇڏيو آهي. اهو ته ٿيو سنڌ جي بنيادي تعليم جي تباهيءُ جو سوال پر اهو سوال اڃا اتي دنگ نٿو ڪري توهان ان سوال جي اک سان سنڌ جي اعليٰ تعليمن جي درسگاهن جو ڪاليجن ڏانهن ورسٽين ڏانهن نظر ڪيو ته توهان جو اکيون رت جا ڳوڙها ڳاڙينديون . پرائمري اسڪولن جيان سنڌ جا سمورا انٽرميڊيئيٽ ۽

ڊگري ڪاليج ويران نظر ايندا ڪاليجن ۾ نالي ماتر ٻه شاگرد توهان کي نظر نه ايندو گهڙي سوا لاءِ پنهنجي پگهار حلال ڪرڻ لاءِ ايندڙ ڪاليج جو ڪجهه عملو ته نظر ايندو باقي ڪلاس رومن کي تالا ۽ ڪلاس جي بورڊ ۽ ڊيسڪن تي فقط مٽيءَ جا تهه نظر ايندا جن کي ڏسي آرڪيالاجي جا ماهر آسانيءَ سان ٻڌائي سگهن ٿا ته هي ڪلاس ڪيتري عرصي کان بند آهن مطلب ته سنڌ اندر گريجيوئيٽ جي ڊگري ڏيندڙ سمورا ڪاليج شاگردن کان ويران آهن اڪثر ناهن ڪاليجن جي بلڊنگ تي رينجرز ۽ فوج جو قبضو آهي جن ۾ ڊگري ڪاليج خيرپور ، ٽيڪنيڪل ڪاليج خيرپور ، ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو ، ڊگري ڪاليج سکر ، ٽيڪنيڪل ڪاليج حيدرآباد، دادو، بدين ، ٺٽو ۽ مير پور خاص ڊگري ڪاليجن ۾ فوج پنهنجو ڇانوٽيون قائم ڪيو ويٺي آهي. جنهن ملڪ جا تعليمي ادارا فوجي ڇانوٽين ۾ تبديل ڪيا وڃن ان ملڪ جي قوم ڏانهن ڪهڙو پيغام ويندو ؟ اهو هر ساڃاهه وند سمجهي سگهي ٿو . ڪاليجن جي بري حالت هجڻ باوجود پنهنجي مدد پاڻ تحت جيڪي سنڌ جا نوجوان شاگر پنهنجي تعليم حاصل ڪرڻ واري جدوجهد ڪندي ورسٽين تائين پهچن ٿا انهن سان ڪهڙو انياءُ ٿئي ٿو اهو توهان کي سنڌ جي سمورين ورسٽين ۾ صاف نظر ايندو . سنڌ جي ڪروڙين اعليٰ تعليمن کان محروم شاگردن مان اهي شاگرد جيڪي تمام وڏي جفاڪشيءَ سان مايوس ۽ نااميدن سان وڙهندي ورسٽين تائين اعليٰ تعليم پرائڻ لاءِ پڇن ٿا انهن جي سينن تي لانگ بوٽن وارا وردي پوش جيٽري رکي بيٺل آهن ، هاسٽل کان ويندي فيڪلٽيءَ تائين ڪلاس روم کان ويندي ڪينٽين تائين، سينٽرل لابريءَ کان ويندي ايڊمنسٽريشن بلاڪ تائين هر روز سمورن شاگردن جا سينا سنگينن سان ٽڪرائجن ٿا سنڌ جي ڪنهن به ورسٽيءَ ۾ توهان هليا وڃو توهان جو استقبال وردي پوش ڪندا انهن وردي پوش رينجرز جي ڪارندن ورسٽيءَ اندر پنهنجو اهڙو ته خوف وهاريو آهي جو انهن جي حڪم کان سواءِ ڪک به نٿو چري ، ورسٽيءَ جا عملدار انهن جي ڀيان ايئن آهن جيئن ڪڪڙ تي ماڪ. ورسٽي ڪڏهن کولڻي آهي ڪڏهن بند ڪرڻي آهي، ڪنهن کي ڪهڙي عهدي تي رکڻو آهي ڪنهن کي عهدي تا هٽائڻو آهي سڀ ڪم رينجرز جي چوڻ تي ٿئي ٿو. ورسٽين جا ايڊمنسٽريشن بلاڪ شاگردن لاءِ ڪورٽ ڪچهريءَ کان وڌيڪ بدتر آهن شاگردن تي رينجرز جو ايترو ته خوف آهي جو شاگرد پاڻ ۾ ڳالهائجن ٿا ته به خوف ۾ ورتل آهن ته متان ڪو رينجرز وارو يا انتظاميا جو ماڻهو اسان سيني کي ڳالهه ڏسي نه وٺي ورسٽين اندر ڪرفيو جهڙو ماحول آهي. ڇئن شاگردن جي ڳالهائڻ تي پابندي، ٿهڪ ڏئي کلڻ تي پابندي، آزاد ماحول ۾ ڪا به سرگرمي ڪرڻ تي پابندي، هاسٽل ۾ دير تائين جاڳڻ تي پابندي هاڻي ته تازو قانون پاس ڪيو اٿن جنهن ۾ واضع ٽيل آهي ته ڪو به شاگرد يونيورسٽيءَ اندر موبائيل نه کڻي ويندو ۽ شاگر يونيورسٽيءَ اندر ڪو به فنڪشن ڪري نه سگهندو. شاگردن سان رينجرز جيڪو ظلم ۽ بربريت جو مظاهرو ڪيو آهي اهو ڪنهن قيد و بند جي عذابن کان گهٽ نه آهي ان ظلم ۽ بربريت خلاف جيڪي باغيرت ۽ باشعور شاگر توڙي شاگرديائيون پنهنجو آواز بلند ڪن ٿا انهن جي آواز کي دٻائڻ لاءِ رينجرز ۽ فورس جا اهلڪار ادارن تي لشڪر ڪشي ڪن ٿا ۽ شاگردن ۾ خوف ۽ هراس پيدا ڪن ٿا ايتري قدر جو شاگردن کي ڪنيي ٽارچر ڪري چچريل لاش روڊن تي اڇلايا وڃن ٿا ، دهشتگردي جا ڪيس هڻي انهن کي روپوش ڪري ان جي مستقبل سان گڏ ان جي زندگي کي به ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي . رينجرز جو ورسٽين تي ڪاهي اچڻ جو مقصد حق ۽ سچ جي آواز کي دٻائڻ آهي جيڪو آواز صدين جي صدا آهي جنهن آواز ۾ موهن جي دڙي جي عظمت جا اهڃاڻ آهن جنهن آواز ۾ راجا ڏاهر ۽ دولهه درياءُ خان جي للڪار آهي جنهن ۾ لڄادار لطيف ۽ سائين جي ايم سيد جي فڪري سگهه آهي ، جنهن آواز ۾ شفيع برفت جي آواز جو پڙاڏو آهي ،

ڪيسن ۾ ڦاسائي جيلن ۾ واڙي سگهن ٿا، حق سچ جي راه تي هلندڙ قومي ڪارڪنن کي ٽارچر سيلن ۾ تشدد ڪري چيچري قتل ڪري سگهن ٿا، اسان جي محبوب اڳواڻن جيان آسان کي وچ روڊن تي گوليون هڻين ساڙي سگهن ٿا، پر هي فوجي هاٿي جسمر ۽ شفيع برفت جي سوچ کي سنڌ مان ختم نٿا ڪري سگهن. اها سوچ ئي پنجابي سامراج جي شڪست جو سبب بڻجندي، اڄ سنڌ جي تعليمي ادارن اندر هزارين افضل پنهور، آصف پنهور ۽ شڪيل ڪونهاري جهڙا سورهيه پٽ پيدا ٿي چڪا آهن، اڄ سنڌ جي نوجوانن جي اکين ۾ اهي ساڳيا ئي آزادي جا خواب چمڪي رهيا آهن جيڪي شهيدن جي اکين ۾ هئا. جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن )جسمر( جو بنياد سائين جي،ايم سيد جي فڪري سگهه، شفع محمد برفت جي اڏول ارادي ۽ معصوم شاگردن جي مقدس خون سان پيل آهي، آء. ايس. آء ۽ ايم، آء جا جهڙا ادارا انکي ختم نٿا ڪري سگهن. ڀلي ڪيترو ٻه رينجرز شاگردن مٿان ذهني دٻاءُ وجهي انهن کي ذهني طور خوفزده ڪرڻ جي لاءِ ضياءُالحق جي ناجائز ولاد جي اڳواٽي ۾ تعليمي ادارن مٿان لشڪر ڪشي ڪرائي پر انهن سان مد مقابل ٿيڻ لاءِ توڙهي ڦاٽڪ جي شهيدن جا ساٿي پنهنجا سينا سپر ڪيو بيٺل آهن. جيڪو سنڌ جي شعور ۾ رياست خلاف نفرت جي ٻج سلا بڻجي ڦٽي چڪو آهي ان ختمو آڻڻ ناممڪن آهي. ڏاڍ، ڏمر ۽ خوف جو ڪوبه حربو هاٿي شاگردن اڳيان ڪامياب نه ويندو. نوجوانن جي ذهنن ۾ پيدا ٿيل نفرت لاوي جي شڪل اختيار ڪري هن بنياد پرست رياست جي ڪوٽ کي جلائي راک ڪري ڇڏيندي. ورسٽين جا شاگرد ۽ شاگرديائيون هر روز رينجرز جي ظلم خلاف ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ پنهنجي نفرت جو اظهار ڪندا رهن ٿا. پر اسان کي افسوس آهي انهن اعليٰ تعليمي اداري جي اعليٰ ڊگري يافته پروفيسرن تي جن جي هر روز رينجرز ۽ پوليس هٿان عزت ۽ نفس مجروح ٿئي ٿي، پر مجال آهي جو ڀٽڪ ٻه ڪشن، اسان جا پروفيسر صاحبان (پٽڪو لٿو، عزت بچي) واري سوچ تي عمل ڪندي پنهنجي نسلن کي غلامي طرف وٺي وڃڻ وارو ڪم خوش اسلوبي سان ڪري رهيا آهن. وري جڏهن انهن سان ڪنهن موقعي ۽ محل تي ملاقات ٿئي ٿي ته، اهي پنهنجين ڳالهين ۾ وڏا انقلابي، آزادي پسند ۽ ترقي پسند هجڻ جي دعوا ائين ڪندا آهن جڻ سڄي عمر هنن غلام قوم جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪندي جيل ، ٽاٽان ۽ عقوبتيون برداش ڪيون آهن. ڪڏهن گهرائي سان انهن جو اڀياس ڪبو ته پٽائي جي سٽ نظر ايندي ته (اندر ڪارو ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنج جي). مطلب ورسٽي جي استاد کي تعليم سان ڪا ٻه دلچسپي ناهي، سائنس ۽ ريسرچ جي ته ويچارن کي ڪا ٻه خبر نه آهي، توهان کي ورسٽي جي استاد جي پڙهائڻ ۽ پرائيويٽ اسڪول جي استاد جي پڙهائڻ جي انداز ۾ ٽڪي جو ٻه فرق نظر نه ايندو. اسان جا پروفيسر صاحب جيڪي شاگردن جي خرچ تي دنيا جي شاهوڪار ورسٽين مان پي.ايڇ.ڊي جون ڊگريون ڪري آيا آهن انهن جي حالت ڪنهن موچي مٽر ۽ لاچار ماڻهون جي حالت کان وڌيڪ بهتر نه آهي. اسان جا اسڪالر اڄ ورسٽين اندر خوف ۽ لالچ جي گند ۾ گوتا پيا کائن، سڀ حقيقت جي ڄاڻ هجڻ باوجود ٻه انهن جا چپ سبيل ۽ انهن تي ماٺ جي مهر لڳل آهي، جتي علم ۽ ڏاهپ جا درياه سمجهيا ويندڙ پروفيسر غاصب قوتن جي اڳيان ايترا لاچار ۽ بيوس بڻيل هجن، اتي عام ماڻهن سان ڇا حشر هوندو. انهي سڄي صورتحال باوجود سنڌ جا شاگرد مايوس بدران اميد جا سويرا بڻجي سموري سنڌ کي علم ۽ آزادي جي اجالي ڏيڻ لاءِ پنهنجين سون ورنين جوانين جي ٻه پرواه نٿا ڪن.

ڪري آيل سوين استادن مان چند اهڙا ٻه استاد آهن، جيڪي ماٺ ڪرڻ کي مشرقي وارو ph.dٻاهران ڪم سمجهي پنهنجو تاريخي اظهار ڪن ٿا. انهن استادن کي ڀلي سنڌ جي غلامي مان آزادي واري جدوجهد سان ڪوبه سروڪار نه هجي، پر قومي استحصالي، تعليمي ادارن ۾ رينجرز جي مداخلت، ۽

شاگردن کي کنٹي ٽارچر ڪري قتل ڪرڻ وارو ڪڏو عمل مجبور ڪري ٿو ته، هو ٻاهر نڪري ان انياءَ ۽ ظلم خلاف پنهنجو آواز اٿارين. جساف(جسمم) انهن پروفيسرن جا لک ٿورا مڃي ٿي جن آصف پنهور، شڪيل ڪونهاري ۽ افضل پنهور کي پنهنجو اولاد ڇٽي انهن جي بي وقتي موت تي قاتل کان نفرت جو اظهار ڪيو، اسان ڪين قومي سلام پيش ڪيون ٿا.

سنڌ وطن اسان سمورن سنڌين کان هڪ ڊگهي جنگ ۽ تمام وڏي قرباني جي توقع رکي ٿو. اسان غلام آهيون ۽ غلامي ڪنهن به قوم لاءِ ايئين هوندي آهي جيئن لوڻ لاءِ پاڻي. اگر اسان اڄ غلامي مان آزادي حاصل نه ڪئي ته پوءِ سنڌ رڳو، ڪتابن ۾ هوندي باقي ڌرتي جي گولي تي ان جو ڪو به نالو نيشان نه هوندو. خاص طور تي شاگردن کي پنهنجي وطن جي وارثي ڪرڻي آهي، بغير ڪنهن خوف ۽ لالچ جي پنهنجي مقدس تعليمي ادارن جو بچاءُ ڪرڻو آهي. رينجرز، پوليس ۽ ٻين ڊيڃاريندڙ قوتن کان ڊڄڻ جي ضرورت نه پر شاگرد طاقت کي منظم ڪرڻ جي ضرورت آهي. هزارين لکين شاگرد جي هڪ آواز ٻڌجي پنهنجي وطن جي وارثي ۽ مقدس درسگاهن کي داداگيرن کان بچائڻ لاءِ نڪرن ته انهن داداگيرن کي پنجاب جو دڳ به هٿ نه ايندو.

جساف(جسمم) سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ پڙهندڙ سمورن شاگردن کي اپيل ڪري ٿي ته

•قومي ظلم ۽ انياءَ خلاف گڏ ٿيو،

•تعليم جي تباهي خلاف گڏ ٿيو،

•انتظاميا جي ڪرپشن خلاف گڏ ٿيو،

•رينجرز ۽ پوليس جي داداگيري خلاف گڏ ٿيو،

•معصوم شاگردن جي قتل و غارت خلاف گڏ ٿيو،

•جساف(جسمم) سان گڏ ٿيو،

ته جيئين صدين جي سون ورني سنڌ کي گدڙن جو کاڄ ٿيڻ کان بچايون.

اي شاگرد ساٿيو! ياد رکو توهان سڀ کان وڏي طاقت آهيو، جڏهن توهان گڏ ٿي ظلم ۽ غلامي خلاف نڪتا ته توهانجو مقابلو ڪا به سامراجي طاقت ڪري نه سگهندي. سموري قوم جو گڏجڻ توهان شاگردن جي گڏجڻ سان مشروط آهي. جيڪڏهن سنڌ ۽ سنڌين کي آزاد ۽ خوشحال ڏسڻ چاهيو ٿا ته هڪ آواز ٻڌجي وڃو. توهان کان سواءِ ٻيو ڪير به اچي توهانجي مدد نه ڪندو، رينجرز ۽ فوج کان توهانجا تعليمي ادارا ٻيو ڪير به اچي خالي نه ڪرائيندو. فقط ۽ فقط توهان ئي اهو سڀ ڪجھ ڪري سگهو ٿا. تنهن ڪري ڪنهن جو انتظار يا آسرو ڪرڻ بجاءِ پنهنجي طاقت جي ٻلھ تي دشمن سان مد مقابل ٿيو جتي توهانجو پگهر وهندو اُتي جساف(جسمم) ڪارڪن پنهنجو رت وهائيندا.

## رهبرِ سنڌ سائين جي.ايم سيد جو سنڌي قوم کي آخري خطبو

عزيز ڀائرو ۽ ڀينرو!

آءٌ توهان سڀني جو شڪر گذار آهيان جو توهان منهنجي 92هين سالگرهه تي اچي شريڪ ٿيا آهيو. مون کي اهو احساس آهي ته اڄ سنڌ مختلف اندروني ۽ بيروني سازشن جي آماجگاهه بڻيل آهي ۽ هرڪا ڌر سنڌ جي وسيلن کي ڦٻائڻ ۽ ان جي حالت کي وڌيڪ سقيم بنائڻ لاءِ سرگردان آهي.

عزيزو! جڏهن به ڪا قوم، پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجن وسيلن کان لاتعلقي ۽ بيپرواهي اختيار ڪندي آهي ته ان قوم جي سر زمين، ثقافت، ٻولي، اقتصادي وسيلا ۽ اقتدار اعليٰ سازشن جو شڪار ٿي ويندا آهن ۽ اهو ئي ڪجهه اڄڪلهه سنڌ سان ٿي رهيو آهي.


آءٌ عمر عزيز جو تمام وڏو حصو، سنڌي قوم جي وسيلن ۽ سنڌ جي اقتدار اعليٰ تي ڌارين جي قبضي خلاف وڙهندو ۽ ڦورن ٽولن جي مڪروهه ارادن ۽ سازشن کي ناڪام بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪندو آيو آهيان. اها جدوجهد اڃا به جاري آهي ۽ جاري هندي. پر ان لاءِ لازمي آهي ته سنڌي قوم هن لاتعلقيءَ ۽ بيپرواهيءَ واري روش کي ختم ڪري ۽ پنهنجيءَ ڌرتيءَ ۽ ان جي وسيلن تي پنهنجي مالڪيءَ جي دعويٰ لاءِ، مستقل مزاجيءَ سان اڳتي وڌي جدوجهد ڪري، جو ته آزادي ۽ انصاف، ڪڏهن به پنڻ وسيلي ۽ بيپرواهي سان پلئه نه پوندا آهن. جيڪڏهن توهان منهنجي ڳالهه ٻڌي ۽ ان تي ايمان آڻي، عمل ڪيو ته آءٌ پنهنجي شعور جي روشنيءَ ۾ يقين سان چوان ٿو ته سنڌ ۽ سنڌي قوم، هن مشڪل وقت مان ضرور پار پئجي ويندي.

اوهان مان گهڻن پڙهيو هوندو ته رسول ڪريم صلعم، مڪي جي پهاڙ تي چڙهي عربن کي اهو چيو ته ”پهاڙ جي هن طرف وڏو لشڪر اوهان کي ڦرڪائڻ لاءِ تيار بيٺو آهي جيڪڏهن توهان منهنجيءَ ان ڳالهه کي سچ سمجهو ٿا ته پوءِ منهنجي چوڻ تي هلو، نجات اوهان جو مقدر آهي.“

آءٌ به اڄ سن جي هن جابلو ۽ اتاهين ڌرتيءَ تان اوهان کي پڪاريان ٿو ته جيڪڏهن توهان ايندڙ خطرن ۽ طوفانن جي ان ادراڪ ۽ احساس کي پنهنجي دل ۾ ائين محسوس ڪيو، جيئن مون محسوس ڪيو ۽ ڏٺو آهي ته پوءِ توهان ڪامياب ۽ ڪامران هوندؤ. ٻيءَ صورت ۾ غافل، ڪاهل ۽ لالچي قومن ۽ فردن جو انجام تاريخ جي صفحن ۾ عبرتناڪ ٿيندو آهي. منهنجي دعا آهي ته شال، سنڌي قوم اهڙي انجام سان دوچار نه ٿئي ۽ سنڌ سدائين آزاد ۽ خوشحال ملڪ رهي!

ڪڏهن سنڌ جي سينڌ ميري نه ٿئي،

ڪڏهن موڙ تنهنجا نه مرجهائجن!



# ڪرڪٽان لاهي، سُک نہ ستا ڪڏهين...

(حفيظ پيرزادو)

اسانجي محدود ڄاڻ ۽ محدود تاريخي معلومات هجڻ باوجود جڏهن اسان دنيا تي پنهنجي نظر ڊوڙايون ٿا تہ اسانکي سموري دنيا اندر غلام قومون پنهنجي وطن، تهذيب، ڪلچر ۽ ٻولي کي آزاد ڪرائڻ لاءِ سامراج قوتن سان ننهن چوٽي جا زور لڳائي هر محاذ تي جنگ جا عَلَم کڻندي نظر آيون آهن.

اسان انهن غلام قومن جا نالا ذڪر هيٺ آڻيندا سين جن جي سمورن طبقن جي جدوجهد ۽ قرباني تہ برابر پنهنجي حيثيت رکي ٿي پر انهن جي شاگردن جيڪو پنهنجي ماتر ڀومين جي آزادي لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي اُهي موجوده غلام قومن جي سمورن طبقن سان گڏوگڏ شاگرد طبقن لاءِ باعثِ اتساه آهي. انهن ڪامياب انقلابن ۾ چين جو انقلاب، بنگلاديش جو انقلاب، روسي انقلاب، هندستاني انقلاب ۽ عرب انقلاب سميت دنيا جي ڪيترن ئي ڪامياب انقلابن جا شاگرد اولين دستو رهيا آهن. شاگرد قوم جو متحرڪ طبقو ۽ هميشہ ڪاهوڙين وانگر پاڻ پتوڙيندڙ رهيو آهي، جنهن هميشہ ذاتي مفادن جي خوف خطرن ڪان بالاتر ٿي، ذاتي مستقبل جي پرواه ڪرڻ ڪان بغير پنهنجي قوم جي روشن ۽ آزاد مستقبل لاءِ سدائين رندا روڙيا آهن.

محبت پائي من ۾، رندا روڙيا جن،

تن جو صرافن، اٽتوريو ئي اگهايو. (شاه)

هزارين سالن جو شاندار ماضي رکندڙ سنڌوديش اڄ غلامي جهڙي بدترين بيماري ۾ جڪڙيل آهي. پر اُهو هزارن سالن جو قومي تشخص، قومي غيرت ۽ قومي آزادي اڄ بہ وڃائڻ لاءِ تيار ناهي. انهيءَ قومي ورثي کي صدين جي تسلسل سان سنڌوماتا جا سورهيہ پُٽ پنهنجي ايندڙ نسل جي امانت سمجهي پاڻ پتنگن جيان ان امانت کي ذرو بہ لهس اچڻ نٽا ڏين. موهن دڙي جي ڪنگ پريسٽ (king priest)، ديبل جي واگي پچندي مهاراجا ڏاهر، جهوڪ جي صوفي شاه عنايت، ڀٽ جي ڀٽي لجپال لطيف، ٺٽي جي والي دولهہ دريا خان، باغبان جي مخدوم بلاول، روپا ماڙي جي دودي سومري ۽ مکي جي سورهيہ بادشاه سميت سمورن وطن تان قربان ٿيندڙ اٽموٽ پُٽن جي قومي امانت، سائين جي.ايم سيد پنهنجي محفوظ هٿن مان ڪڍي سنڌ جي نوجوان شاگردن حوالي ڪئي انهيءَ قومي امانت، قومي تشخص، قومي غيرت ۽ قومي آزادي واري ورثي جو تحفظ ۽ سنڌ جي رياستي حيثيت جي بحالي لاءِ شاگرد اڄ بہ رندن مٿان رتُ وهائيندي پنهنجو تاريخي فرض نڀائي رهيا آهن. سائين جي.ايم سيد جي تاريخي، قومي فڪر جي سينهري ۾ جساف(جسمم) جا نوجوان شاگرد سنڌ جي تعليمي ادارن کان ويندي سنڌ جي واهڻ وستي ۾ صدين جي صدا ٻڌجي گونجي رهيا آهن. اهو وطن ڪڏهن بہ ڪنهن ظالم طاقت جي ظلم سان نيست و نابود ٿي نٿي سگهي جنهن وطن جا نوجوان پنهنجون سون ورنيون جوانيون پنهنجي ماترڀومي کي ارپڻ ۾ ويرم ئي نہ ڪندا هجن. جساف(جسمم) انهيءَ ڪاهوڙڪي ڪير جو نالو آهي جنهن جي ڳاڙهن ڳڀرُن شهيد افضل پنهور، شهيد اسد عباسي، شهيد بابر سنڌيلو، شهيد شڪيل ڪُوهارو، شهيد آصف پنهور جهڙن وطن جي سينڌ ميري نہ ڪرائڻ ۽ پنهجي ڪُر ڪچي نہ ڪرڻ خاطر پنهنجا ڪنڌ ڪپايا. جساف(جسمم) جا ساٿي پنهنجا پاڳ پليرا ٿا پائن جو سنڌن حصي ۾ ايڏي شاندار وطن تان وارجڻ واري زندگي ملي آهي. غلاميءَ جي ڪارڻ سنڌ جو سماج اخلاقي قدرءِ مهذب پڻي واريون سڀ روايتون آهستي آهستي پلائيندو پيو وڃي، پلا ڇو نہ وساري 3 صديون مسلسل غلام رهڻ باوجود ڇاڪا قوم پنهنجو وجود برقرار رکي سگهي ٿي ڇا؟ اسان طويل عرصو غلاميءَ

۾ گذارڻ باوجود پنهنجي ٻولي، پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجا اقتصادي مفاد وساريا ناهن. اسان فقط ۽ فقط ڪجھ اخلاقي قدر وڃايا آهن جيڪي غلامي جي جڙ ٿيندا آهن. آزاد سنڌ جي سماج ۽ غلام سنڌ جي سماج ۾ ڏينهن ۽ رات جيترو تفاوت آهي. غلاميءَ جي پيڙا ۽ عذاب سموري قوم مٿان برپا ٿيل هوندو آهي. ٻلي زهني طور منتشر قوم انهن غلامي جي عذابن کي خدا جو مليل عذاب سمجهي ماٺ ميٺ سان ان کي برداشت ڪري، پر سماج جو پڙهيل لکيل ۽ باشعور طبقو اهو چڱي ريت ڄاڻيندو آهي ته هي غذاب ۽ پيڙا قومي غلاميءَ جي ڪري آهي ۽ ان مان نجات حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽ سڄي قوم کي منظم ڪري ان ظالم سامراج قوت سان مد مقابل ڪري سگهجي ٿو. سماج جي ان پڙهيل لکيل طبقن مان شاگرد طبقو نه رڳو غلامي جي عذابن کان واقف هوندو آهي پر شاگرد غلاميءَ کان بيزاري جو اعلان ڪري هر ڏاڍ ۽ ڏمر اڳيان پنهنجا سينا سُپر ڪري بيهي ٿو ۽ هر قرباني ڏيڻ لاءِ پاڻ کي تيار رکي ٿو نه رڳو ايترو پر سماج جي هيٺين طبقن جهڙوڪ هاري، مزدور، بيروزگار، واپاري ۽ مختلف شعبن سان سلهاڙيل منتشر سوچ جي طبقن کي سهيڙي منظم ڪرڻ سميت انهن ۾ قومي غلامي مان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جُرت ۽ همت پيدا ڪندو رهيو آهي.

سنڌ جي شاگردن پڻ هڪ ڪليل ڪتاب جيان سنڌ جي سماج اندر پنهنجو متحرڪ ڪردار ادا ڪيو آهي. سائين جي.ايم سيد چيو ته 'جڏهن مون سپني تجربن کي اڳيان رکي سنڌ کي پاڪستان جي غلاميءَ کان آزاد ڪري سنڌوديش بڻائڻ لاءِ جدوجهد جو اعلان ڪيو ته مون سان شريڪ منهنجا ويجها ساٿي جن ۾ وڏي پائي جا سياستدان، مير، پير ۽ وڏيرا اهو چئي الڳ ٿي ويا ته جي.ايم سيد بنگالين جي قتلِ عام وانگر اسان جا به سر وڃائيندو، پر ان قربانيءَ واري جدوجهد ۾ جن مون سان ساٿ ڏيڻ جو وچن ڪيو اهو سنڌ جو بهادر باشعور نوجوان شاگرد آهي'، جن پٽائي جون سٽون چئي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو ته:

اڳي پوءِ مران، مرُ، مران مارڳ ۾،

مٿي پئي پريان، خون منهنجو جيڏيون. (شاه)

مطلب شاگردن ۾ نظرئي تي ٽڪي بيهڻ ۽ جدوجهد کي منزل طرف وٺي وڃڻ جي تمام وڏي سگهه هوندي آهي. جساف(جسمم) به ان سگهه جو اظهار آهي جنهن سنڌي سماج جي بيٺل پاڻيءَ اندر پٿر اڇلائڻ جهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي، هڪ پاسي سنڌ جي سموري سياست رياستي ڏاڍ ۽ جبر اڳيان پنهنجو ڪنڌ جهڪائي بيٺل هجي، جتي عوام جا چونڊيل نمائندا عوام جي ووٽ ۽ اعتماد جو صودو پڳڙن مُٺ تي ڪري پوءِ به پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪري هلندا هجن، جتي نالي وارا اديب حڪومت کان مراعتون ۽ تمغا وٺڻ کي فخر سمجهندا هجن، جتي جا تعليمي ادارا شاگردن کي بهتر تعليم ڏيڻ بجاءِ شاگردن کان زندگيءَ جو حق کسڻ لاءِ قطب آندا وڃن، جتي پوليس ۽ آرمي کي عوام جو تحفظ ڪرڻ بجاءِ انهن مسڪين، نهتن غريب عوام کي ڇچري مارڻ جو سرٽيفيڪيٽ هجي، جتي سمورن طبقن جي زبان تي تالا لڳل هجن، اُتي معصوم شاگردن کي پلا جا جي اٽڻ لڳل آهي ته سماج کي تبديل ڪجي، غلاميءَ کان آزادي حاصل ڪجي، عوام جي زبان کي لڳل تالا ٽوڙجن، ظالم فوج ۽ پوليس کان عوام جو تحفظ ڪجي، چونڊيل نمائندن جي ڳچيءَ ۾ نوڙ وجهي انهن کي پنهنجي اصليت ڏيکارجي. پنهنجي مقدس تعليمي ادارن کي بچائجي. اهو سڀ مٿي جو سُور آخر چو شاگردن پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌو آهي؟ ان جو واحد سبب اهو ئي آهي ته سنڌ جا شاگرد اهو شعور وارو شاگرد آهي، جنهن جي سنڌ جي تاريخ ۽ دنيا جي انقلابن تي گهري نظر رهي آهي ۽ سنڌ جي شاگردن جو پنهنجي وطن سان بي پناه عشق رهيو آهي. سنڌ جي شاگردن جو شعور ۽ علم شاگردن کي بيدار ڪري ٿو ته هو پنهنجي غلام وطن کي آزاد ڪرائڻ ۾ پاڻ اڳيرا هجن. وڏڙن جي مليل ذميواري شاگردن کي مڪمل ذميوار بڻائي ٿي ۽ اها ئي ذميواري آهي جيڪا سنڌي شاگردن کي پنهنجي سماج کان مڪمل الڳ ڪري بيهاري ٿي، ان شعور ۽ ذميواري جي ڪري اڄ سنڌ جا شاگرد جساف(جسمم) جي روپ پنهنجي ڄاڻين جا نظرانه ڏئي پنهنجي منزلِ مقصود طرف روان دوان آهي، ان جدوجهد جي پاداش جساف(جسمم) جي معصوم

شاگردن هن مذهبي انتهاپسند رياست جون نام نهاد دهشتگرد ايجنسيون آءِ.ايس.آءِ (I.S.I)، ايم.آءِ (M.I) جي شڪل ۾ ٽارچر سيلن ۾ واڙي انهن تي تشدد ڪري چچريل لاش سنڌ جي روڊن تي اڇلائي رهي آهي، سنڌ جي تعليمي ادارن اندر جساف(جسمم) ڪي ڪارڪنن ڪان پڙهڻ جو حق ڪسيو پيو وڃي، انٽيليجنس ادارن سميت ورسٽي انتظاميا پڻ جساف(جسمم) جي ڪارڪنن سميت سمورن شاگردن لاءِ ناڱ بڻيل آهي. معصوم شاگردن کي ڏينهن ڏٺي جو يونيورسٽي ڪيمپس مان ايجنسيون ۽ پوليس ڪنيي ڪٽي وڃن ٿا ۽ انهن کي ٽارچر سيلن ۾ واڙي انهن کي پنهنجي وطن سان عشق جي ڏوهه جي سزا ڏئي قتل ڪن ٿا پر ڪو به انهن ڪان پڇڻ وارو نه آهي.

سنڌ جي شاگرد سياست ۾ وقت بوقت تبديلي ايندي رهي آهي. ڪو زمانو هو جو سموري سنڌ جمود جو شڪار هئي، قوم جي ڪنهن به طبقي وٽ اهو ادراڪ نه هيو ته ڪو اسين غلامي ۾ جڪڙيل آهيون، ڪهڙي ظالم سامراج جي ظلم جو شڪار ٿي رهيا آهيون، قومي ٻڌي ۽ قومي مفاد چا ٿيندا آهن، قومي حقن جي حاصلات لاءِ ڪيئين آواز بلند ڪبو آهي،، مطلب ته سنڌ جي ماڻهن تي غلامي منتشر هجڻ ۽ لاشعوري جا ته چاڙهي ڇڏيا هئا. پر اُن وقت سنڌ ي قوم جو واحد طبقو شاگرد طبقو ئي هو جنهن سماج اندر هڪ نئين بيداري ۽ لهر پيدا ڪئي ته اسان سنڌي هڪ قوم آهيون، اسانکي پنهنجو هزارين سالا تاريخي وطن آهي، اسانکي پنهنجي تهذيب ۽ پنهنجا قومي اقتصادي مفاد آهن ۽ اسانکي پنهنجي قديم ۽ عظيم ٻولي آهي. شاگردن جي زبان مان نڪتل ان فڪر کي سنڌ جا ماڻهو ’ وات ڳاڙهن جي لباڙ‘ سمجهي رد ڪندا رهيا پر شاگردن کي اها پرک هئي ته اسانجو وطن غلام آهي ۽ انهيءَ غلامي ڪري اسانجي ماڻهن جا ذهن منتشر آهن، اسانکي بغير ڪنهن مايوسي ۽ نااميدي جي قوم وٽ هر هر وڃڻو پوندو، انهن کي غلامي جي عذابن جي معلومات ڏئي آزادي جي نعمت ڪان روشناس ڪرائڻو پوندو جيڪو اسانجو تاريخي ۽ قومي فرض آهي. شاگردن جي انهن محنتن ۽ جفاڪشن رنگ لاتو جو سموري سنڌي قوم مالها ۾ سموئجي ’جيئي سنڌ‘ جا نعرا بلند ڪرڻ لڳي. شاگردن جي پيدا ڪيل ان نعرن ڪان سامراجي قوتون ايترو ته خوفزده ٿيون جو ڪو زمانو آيو ته ’ سنڌڙي تنهنجو ناءُ ورتم، چڻ ڪاريهر تي پير پيم‘ جو سماءُ پيدا ٿيو ۽ سنڌ جي عاشقن سان جيل ڀريا ويا، سنڌڙي جي اولاد کي ڳوڻن ۽ شهرن م سرعام قتل ڪري ’ڏاڙيل پيا ڳولهيون‘ جو جواز ڄاڻائي ان پيدا ٿيندڙ قومي شعور ۽ قومي غيرت کي ڪُچلي ختم ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي. ان قومي ٻيداري جي سرواڻ شاگردن مٿان ٿوڙهي ڦاٽڪ جهڙا سانحا ڪري معصومن جي رت جا رهزن پنجاپي فوجن ڏُڪ ڀريا. ان وقت پاڪستاني رياست ۽ انهن جا خونخوار فوجي ادارا شاگرد سياست تي راڪاس بڻجي لامارا ڏيڻ لڳا. شاگردن کي ڪنيڻ، جيلن ۾ واڙڻ ۽ رسٽيڪيٽ ڪرڻ جا دور شروع ٿيا نه رڳو ايترو پر ان پاڪ دامن عبادت مثل شاگرد سياست اندر پليت ۽ ابن المفاد ماڻهن کي سازش تحت شامل ڪيو انهن غليظ ذهنيت جي ڪارن رڊن، پوتر سياست کي سنڌ جي سماج اندر ايترو ته بدنام ڪيو جو سنڌ جي شاگرد سياست جو تعارف ڇڙواڳ ۽ ڪرمنل ماڻهن جي مافيا طور ٿيڻ لڳو جيڪو دور شاگرد سياست لاءِ اونداهي دور طور ڄاتو وڃي ٿو پر جيئين ته سنڌ جي شاگردن جي خمير مان ئي وطن سان وفائي ۽ سچائي ڪنهن جي ختم ڪرڻ سان ختم ٿيڻ جي نه هئي. جنهن جو اظهار جساف(جسمم) جي روپ ۾ قوم آڏو اڄ به موجود آهي. جساف(جسمم) کي سائين جي.ايم سيد واري تخيل جي شاگرد تنظيم بڻائڻ لاءِ سنڌ جي قومي اڳواڻ شفيع محمد بُرفت پنهنجي جديد سوچ، فهم ۽ فڪر سان اهڙي ريت جوڙيو آهي جو ان شاگرد تنظيم رياست جا ڏند کٽا ڪري ڇڏيا آهن. جساف(جسمم) ڪان رياست ايترو ته خوفزده آهي جو ان جي شاگرد اڳواڻن کي تعليمي ادارن اندر رياستي عتاب جو شڪار بڻائي ڪيترن ڪان حياتيون کسيو ويو آهن جن ۾ شهيد افضل پنهور، شهيد شڪيل ڳُوهارو، شهيد آصف پنهور، شهيد اسد عباسي، شهيد بابر سنديلو، ڪيترن کي ٽارچرسيلن ۾ واڙي اڄ به وطن سان محبت تان هٿ ڪڻائڻ جا جتن ڪيا پيا وڃن. جن ۾ ڪمليش سنڌي، الله وڌايو مهر ۽ ڪيترا ئي اڄ به ڪوڙن ڪيسن ڪري جيل جي ڪال ڪوٺڙين ۾ واڙيل آهن ۽ ڪيترا ئي روپوشي واري بدترين زندگي گهارڻ تي مجبور آهن. جساف(جسمم) تي هن رياستي عذاب جو سبب فقط هڪ ئي آهي ته

جساف(جسمم) سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ پڙهندڙ سنڌ جي شعور کي قومي حقن جي حاصلات، قومي وسيلن جي مالڪي، قومي زبان ۽ قومي آزادي جي بحالي لاءِ بيدار ڪندي رهي آهي. مڪمل سياسي انداز سان سياست ڪندڙ جساف(جسمم) کي پابندي مڙهيل تنظيم سڏي سنڌ ۽ سنڌي شاگردن کان پري ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي پئي وڃي. جساف(جسمم) جي شهيدن اهو ڄاتو پئي ته اسانجو دشمن ڪيڏو نه ظالم ۽ مڪار آهي،اسانکي ايئين آساني سان قومي آزادي جي جدوجهد ڪرڻ نه ڏيندو، هي ظالم اسانکي وطن سان عشق جي ڏوهه ۾ سرائي قربان ڪهاوڙ يا مظفر ڀٽو جيان ساڙي، چچري قتل ڪري ڇڏيندو پر هي سنڌ جا سرويچ پُٽ سدائين زندگي کي پنهنجي مقصد اڳيان خسيس سمجهي ڀٽائي جي سٽن جو مسداق بڻيل رهيا ته:

هي سر هڪڙو، پنهل کي آڇيندي لڄ مران

جي هجن سر گهڻا، ته واري واري وڍيان. (شاه)

انهن شهيدن جا ساٿي اڄ به پنهنجي شهيد ساٿين جي نقشِ قدم تي هلندي مادرِوطن سنڌوديش سان بي پناه عشق ڪن ٿا ۽ موت جي ڪُلهن تي سوار ٻڌجي سامراج قوتن جي سينن تي مگ ڏري رهيا آهن.

سنڌ جي هزارين سالا تهذيب، سنڌ وطن جي پاڪ پوتر مٽي، سنڌو دريا جو آبِ حيات مثل پاڻي ۽ شهيدن جو مقدس رتُ سنڌي قوم کان تقاضہ ڪري ٿو ته سنڌ جا ماڻهو پاڪستان جي قومي غلامي کان بيداري جو اعلان ڪري اجايو منتشر رهڻ ۽ ٽڪي جي مفاد پرست ماڻهن جي پويان لڳڻ بجاءِ فڪرِ جي.ايم سيد کي سمورن مسئلن جو حل سمجهي شفيع محمد بُرفت جي اڳواڻي هيٺ آزاديءَ جي اعلان سان ميدان ملهائي پنهنجي تاريخي رياستي قيام لاءِ جسمم ۽ جساف(جسمم) جا ٻانهن ٻيلي ٿين.



# (جساف) جسمم

# جنرل سيڪريٽري جبار جهتيال سان انٽرويو

## (انٽرويو ڪندڙ: رهبر سٽ)

**سوال 1: توهان پنهنجي تعارف ۽ تعليم متعلق ڪجھ ٻڌايو؟**

**جواب:** ادا جيئن ته منهنجو مڪمل تعارف عبدالجبار جهتيال آهي، مون پنهنجي پرائمري تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان ئي حاصل ڪئي. ان ڪانپوءِ دادو ۾ پرائيويٽ سيڪٽر مان مئٽرڪ 2004ع ۽ انٽر 2006 ۾ پاس ڪيم بعد ۾ سنڌ ورسٽي ڄامشورو مان انٽرنيشنل رليشن شعبي مان 2013 ۾ گريجوئيشن مڪمل ڪئي.

**سوال 2: توهان شاگرد سياست جي شروعات ڪڏهن ۽ ڪهڙي سبب جي ڪري ڪئي؟**

**جواب:** ادا مون سياست جي شروعات ڪاليج سطح ڪان ڪئي ان جا ڪافي روايتي ۽ غير روايتي سبب هئا. هڪ ته ڪاليج سياست جا روايتي سبب ڪافي حد تائين سياست جو سبب بڻيا ۽ ٻيو ته ڪافي دوستن سان نظرياتي ڪچهريون، بحث ليڪچرن ۾ شرڪت ۽ سائين جي ايم سيد جي ڪتابن مان قومي شعور جي پروڙ سبب ڪئي.

**سوال 3: سنڌي شاگرد سياست اڄڪلھ پنهنجو عروج وڃائيندي پئي وڃي. ان بابت توهان ڇا چوندا؟**

**جواب:** ادا ان لاءِ اسان کي پهرين شاگرد سياست جي ماضي ۽ حال تحريڪن جي تقاضائن کي ڏسڻو پوندو. پوئين دور جي شاگرد سياست گهڻي ڀاڱي (مڪمل ته نه) غير سائنسي سياسي بنيادن جذباتي نعرن، رد عمل ۽ ذاتي مفادن تي ٻڌل نظر ايندي ۽ ٻاهر وري سائين جي ايم سيد جهڙي عظيم شخصيتن جي موجودگي رهبري ۽ قومپرست سياست جي قوت اهڙا محرڪ هئا. جيڪي شاگرد سياست ۾ سياسي ماحول جي لاءِ سازگار حالتون پيدا ڪندڙ هئا. ٻئي پاسي ترقي پسند تحريڪن جي داخلي اثر ترقي پسند ادب جي زير اثر ان وقت جي سڄي سماج جون ترجيحات ڪاروباري بجاءِ خيال پرست ۽ اصول پرست هيون جنهن ڪري عام طورتي عام شاگرد به سياست سان لاڳاپيل هو. پر ان ڪان پوءِ صرف بائڪاٽ، هٿيار ڪلچر ۽ غنڊاگردي جي سياست، سياسي ۽ ترقي پسند سوچ جو سماج ۾ گهٽجڻ ۽ عام ماڻهو ۾ ڪاروباري سوچ جو وڌڻ ۽ بدلجي ويل ترجيحات توڙي ٻاهر (تعليم ادارن ڪان ٻاهر) قومپرست سياست ۾ ڌڙابندي ۽ مرڪزيت جو ٽٽڻ شاگرد سياست جي پراڻي دور جي پڄاڻي ۽ زوال جو سبب بڻيا آهن. پر تبديل ٿيل ترجيحات باوجود سماجي معاملن جي سهي ڇنڊڇاڻ ڪري جساف (جسمم) شاگرد سياست کي رول ماڊل فراهم ڪري اڄ جي نوجوانن جي دل ۽ دماغ ۾ سائين جي ايم سيد جي فڪر لاءِ جاءِ جوڙي آهي ۽ شاگرد سياست جو نئون پڙاڏو دور شروع ٿي ويو آهي. ان ڪري مجموعي طور تي شاگرد سياست جو زوال ناهي ٿيو. پر ان جي طريقه ڪار وڌيڪ سائنسي ۽ ترقي پسند ٿي پيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو جساف

جسمر تي رياستي آپريشن ڪيو پيو وڃي ۽ اهائي اسان جي فتح آهي. جو شاگرد سياست تي تعليمي ادارن اندر رياست طرفان پابندي هنئي وئي آهي.

سوال 4: تعليمي ادارن اندر رينجرس ۽ پوليس جي مداخلت ڪهڙن مقصد لاءِ وڌائي وئي آهي؟

جواب: ادا جيئن تہ توهان کي ٻڌايم تہ سنجيده شاگرد سياست ۽ سنڌ جي سڀ کان وڏيڪ نج انقلابي شاگرد تنظيم جساف جسمر جي مثبت سياست سبب سنڌ جو شاگرد ۽ نوجوان سنڌوديش جي آزادي جي تحريڪ سان سنجيدگي ۽ شعوري طور شامل ٿي رهيو آهي. ۽ رياستي ادارا ڍاڪا (بنگلاديش) ۽ بلوچستان جي شاگردن هٿان پنهنجي تباهي جا پاڻ شاهد آهن. انهي ڪري هنن اڳواڻ ٿي سنڌ جي سياست ۾ رونما ٿيندڙ انقلابي تبديلن جي پيش نظر شاگرد سياست کي هيئنر سان ٿي ڪچلڻ جو پروگرام ٺاهيو آهي اهو ٿي مکيہ سبب آهي جو رياست اسان جي قلم کڻندڙ شاگردن کان خوفزدا ٿي ڪري ادارن ۾ فورسز کي تعليمي ادارن جي انتظاميہ کان بہ اعليٰ اختيار ڏيئي مقرر ڪيو آهي.

سوال 5: سياسي ورڪر شاگرد ۽ عام شاگرد رينجرس ۽ پوليس جي تعليمي ادارن اندر موجودگي کي ڪيئن ٿو ڏسي؟

جواب: ادا سياسي شاگردن جي راءِ تہ اها ٿي آهي جيڪا مون توهان کي ٻڌائي باقي عام شاگردن جون پنهنجون اوليت ۽ نقطہ نظر آهي. پوئين ڪجھ سالن کان رياستي ادارن پنهنجي پگهاردار ڇاڙتن ذريعي يونيورسٽين ۾ جهيڙا ۽ قتل ڪرائي، بدامني، لاقانونيت جي جيڪا فضا قائم ڪئي هئي ان سبب عام شاگرد جي تعليم تي وڏو اثر پئجي رهيو هو. هاڻي وري ساڳيائي رياستي ادارا هيرو بڻجي عام شاگردن کي بچائڻ پهچي ويا آهن. ۽ ان سڄي صورتحال ۾ ويچاڙو ۽ بي يارو مددگار بڻجي ويل شاگرد ڪين مصيحا سمجهڻ جي غلطي پيو ڪري ان باوجود بہ جساف (جسمر) جي دوستن جي مسلسل جدوجهد، سنجيده حڪمت عملين ۽ جساف (جسمر) اڳواڻن جي قربانين توڙي قابض رياستي ادارن جي روين ڪري عام شاگرد بہ ڪائن (فورسز کان) بيزار ٿي چڪا آهن. پيو وري امن امان جي آڙ ۾ سياسي آواز کي دٻائي انتظامي معاملن ۾ ڪرپشن، ڳاٽي ٽور فين ، شاگردن جي مسئلن جي حل نہ ٿيڻ جي صورت ۾ عام شاگرد کي ڪوبہ رليف نہ پيو ملي، ان سبب ڪري ٿي شاگرد انتظامي نااهلي ۽ هڪ هٽي اڳيان ديوار يا ڍال بڻجي بيٺل فورسز کي ئي ذميوار سمجهن ٿا.

سوال 6: جساف(جسمر) سنڌ جي شاگرد سياست کي هڪ نئون موڙ ڏيڻ لاءِ وجود ۾ آئي هئي. ڇا اها پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي آهي؟

جواب: مان سمجهان ٿو تہ ان جو جواب "ها" ۾ ئي آهي. ان لاءِ دليل جساف (جسمر) تي بدترين رياستي آپريشن ۽ جساف (جسمر) اڳواڻن جون گمشدگيون ۽ ڪيرو شاگردن جا بي

گناهہ قتل آهن، شهيد عامر ڪهاوڙ، شهيد افضل پنهور، شهيد شڪيل ڪونهارو، شهيد اسد عباسي ۽ شهيد آصف پنهور جون شهادتون ان ڳالهہ جون ساکي آهن. تہ اسان پنهنجي ان مقصد ۾ ڪامياب ٿي چڪا آهيون ۽ رياست ايڏي ظلم ۽ جبر باوجود شڪست خورده آهي. تعليمي ادارن ۾ بائيڪاٽ ڪلچر، هٿيار ڪلچر جو خاتمو، شاگردن جي مسئلن تي ڪامياب جدوجهد، شاگردن ۾ قومي شعور جي بيداري ۽ پڙهيل لکيل سياسي ڪيڊر جو پيدا ٿيڻ اسان جي ڪاميابي جون علامتون آهن. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن آصف پنهور شهيد ٿو ٿئي تہ قابض فورسز لاءِ سنڌ يونيورسٽي جا عام شاگرد فلسطيني انتفاده وانگي پٿر ذريعي مزاحمت جي علامت بڻجي وڃن ٿا. اڄ بہ جساف (جسمم) مهراڻ يونيورسٽي جو جنرل سيڪريٽري ڪمليش سنڌي ۽ ڪراچي جو شاگرد الهوڏايو مهر رياستي ٽارچر سيلن ۾ واڙيل آهن ۽ جساف (جسمم) چيئرمين حفيظ پيرزادو جي سِر تي رياستي سرڪار طرفان انعام مقرر ٿيڻ ۽ مون سميت جساف جي اڳواڻن تي ڪيس داخل ڪري اسان کي عام شاگرد ۽ سماج کان پَر رکڻ جي ڪوشش بہ اسان جي ڪاميابي جو ثبوت آهي.

سوال 7: جساف(جسمم) مٿان رياستي آپريشن ۽ جساف(جسمم) جي اڳواڻن جي شهادتن تي توهان ڇا چوندا؟

جواب: اسان جي دوستن جون قربانيون، شهادتون، گمشدگيون اسان جي سنجيدگي ۽ حق تي هئڻ جي علامت آهن ۽ رياستي آپريشن، رياست جي اداراتي ۽ نفسياتي شڪست جي علامت آهي، اسان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ويا آهيون ۽ رياست پلي پنهنجا هٿڪنڊا آزمائي ڏسي پر هن جا سڀ وسائل ۽ ادارا اسان کي اڳتي وڌڻ کان نٿا روڪي سگهن.

سوال 8: شاگردن اندر پنهنجو قومي فڪر پهچائڻ ۽ شاگردن کي پاڻ سان گڏ بيهارڻ لاءِ توهان جي کهڙي حڪمت عملي آهي؟

جواب: اسان شروعات کان ئي نظرياتي ۽ فڪري سياست ڪئي آهي. ۽ هاڻي بہ اسان جي اها ئي ڪوشش رهندي تہ شاگردن جي ذهنن تائين ترقي پسند ادب ۽ سائين جي ايم سيد جي فڪر جي سمجهہ ذريعي موجوده حالتن ۾ قابض رياست جي بيهڪ اندر سنڌ جي قومي غلامي جو احساس ۽ قومي آزادي لاءِ اتساهہ جا شعوري لاڙا متعارف ڪرايون. اسان پنهنجي سياسي عمل ۽ سياسي تعليم ذريعي ويجهي مستقبل لاءِ بهترين سياسي ورڪر، دانشور ۽ اڳواڻ پيدا ڪرڻ جي حڪمتي عملي تي عمل پيرا آهيون. ان سان گڏو گڏ جديد سائنسي سياسي تنظيم جو بنياد رکي سنڌ ۾ نصابي توڙي غيرنصابي تعليم ۽ تربيت جو بندوبست ڪنداسين. تہ جيئن بدليل سياسي حالتن ۾ متبادل سياست جي ڪوٽ جو پوراءُ ڪري سگهون. ان سان گڏ ڪابي ڏُر جي ترقي پسند تنظيمن۽ پاڙيسري قومن توڙي بين الاقوامي

شاگرد تنظيمن سان رابطہ سڌا ڪري مضبوط شاگرد سياست لاءِ ماحول تيار ڪنداسين.

سوال 9: جساف (جسمم) اندر شاگردياڻين جو ڪهڙو ڪردار آهي؟
جواب: اسان جي سماجي بيهڪ، روايات، نياڻين جي تعليم جي ڪوٽ، ماضي ۾ قومي تحريڪ اندر ڪم ڪندڙ عورتن جي حوصلہ شڪني ۽ قيادتن جي روين سبب شاگرد سياست توڙي قومي سياست ۾ عورتن جي تحرڪ جي ڪوٽ رهي آهي پر ويجهڙ ۾ ڏسجي تہ بلوچن جي انتهاپسند رجعت پرستاڻي ماحول جي باوجود وڏي پيماني تي سياست ۾ عورتن جي شرڪت ۽ بي ايس او (آزاد) جي مرڪزي عهدن تي شاگردياڻين جي مقرري اسان لاءِ هڪ سٺو مثال آهي، لينين جو هڪ قول آهي تہ " اسين تيسيتائين قطعي انقلاب نہ ٿا آڻي سگهون جيسيتائين اسان جي ملڪ جي اڌ آبادي (عورتون بورچي خاني ۾ قيد آهن) سو اسان عورتن جي سماجي برابري ۽ حقن جا علمدار آهيون. ملڪ جي سياسي حالات جو سڌو اثر سندن زندگين تي بہ پوي ٿو. ۽ ڪين هر حق آهي. تہ هو ظلم ۽ ناانصافي جي ان نظام خلاف اٿي بيهن جيڪو سندن استحصال جا سبب مهيا ڪري ٿو. ۽ اسان اهو بہ سمجهون ٿا. تہ ڪابہ سياسي تحريڪ ايسيتائين مڪمل ناهي ۽ ڪامياب نہ ٿي ٿي سگهي. جيسيتائين ان ۾ عورتن جي شرڪت کي نظر انداز ڪيو ويو هجي.
جساف (جسمم) ڪافي حد تائين ان تي ڪم ڪيو آهي. ۽ ڪافي تعداد ۾ اسان جو ڀينرون شاگرد سياست جو متحرڪ ڪردار بہ رهيون آهن. ان جو ويجهو مثال شهيد آصف پنهور جي گمشدگي کان پوءِ گُهٽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ شاگردياڻين طرفان ڪيل جدوجهد ۽ گمشده شاگردن ۽ انساني حقن تي سيمينار منجهن سياسي، سماجي شعور جو ثبوت آهي. اسان کي اميد آهي تہ اسان جون ڀينرون پنهنجي ڀائرن سان هن ڏکي مهل ۾ هر مزاحمتي سياسي عمل ۾ گڏ بيهنديون ۽ ڪين ڪڏهن بہ پنهنجي ۽ پنهنجي قوم جي مستقبل کان الڳ نہ رهڻ گهرجي.

سوال 10: توهان سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ پڙهندڙ شاگردن ۽ قومي ڪارڪنن لاءِ ڪهڙو پيغام ڏيندا؟
جواب: جسمم چيئرمن شفيع محمد برفت جو قول آهي تہ " اسان کي تعليمي ادارن مان ويڙهاڪ نہ پر اقتصاديات، آءِ ٽي جا ماهر، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ ٻين شعبن جا ماهر کپن" ۽ منهنجو بہ اهو ئي پيغام آهي تہ تعليم بهترين هٿيار آهي، اسان جي شاگردن کي پنهنجي تعليمي شعبن ۾ مهارت حاصل ڪري قومي خدمت لاءِ پاڻ ارپڻ جي جذبي تحت ڪم ڪرڻ کپي ۽ ان سان گڏو گڏ قومي فڪر ۽ جديد نظرين سان ليس ٿي قومي غلامي ۽ استعمار کان آزادي جي جدوجهد لاءِ بي خوف ٿي ۽ بنا لالچ پاڻ کي هر قسم جي قرباني لاءِ پيش ڪرڻ گهرجي.




# اسان جي مئاسين سفر ۾ او ساٿي، تہ ماڻيندا منزل پنهنجا ڍول ڍاٽي.

(انجينيئر عزيز سنڌي - مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو)

شهيد آصف ..!!! تاريخ جي آسمان ۾ ستارو بڻجي ويوآڪاش انصاري جون اهي سٽون "اسان" نوجوان نسل ۾ ايترو تہ بيداري پيدا ڪندڙ آهن. جنهن جو مثال آصف پنهور جهڙي سنجيده محب وطن شاگرد جي شهادت مان لڳائي سگهجي ٿو. جيڪو سنڌ يونيورسٽي جي شعبي آءِ ٽي جو فائينل ييئر جو شاگرد هو. جنهن کي پاڪستان جا ڳجها ادارا حيدرآباد قاسم آباد جي علائقي مان 15 آگسٽ تي سنجيده سياست ڪرڻ ۽ شاگردن جي حقن لاءِ جاکوڙڻ جي ڏوه ۾ کنيي کڻي ويا هئا. بعد ۾ 26 نومبر تي لاڙڪاڻي ۾ چچريل لاش گولين سان پروڻ ڪري اڇلائي ويا هئا.جنهن مهل آصف پنهور جي شهادت ٿي تہ سنڌ يونيورسٽي،لمس توڙي مهراڻ يونيورسٽي جا شاگرد روڊن تي ڏنڊا کڻي ڏاڪا يونيورسٽي جي شاگردن جيان نڪتا.بعد ۾ سنڌ يونيورسٽي جو هاسٽل گيٽ بند ڪري رينجرز ۽ پوليس سان سامهون ٿيا ۽ انهن هٿين خالي شاگردن تي ڪيترائي ڪلاڪ رينجرز ۽ پوليس فائيرنگ بہ ڪئي. اها هنن شاگردن جي حب الوطني ئي هئي،جو پنهنجي هڪ محبِ وطن دوست جو بي رحمانو قتل ٿيڻ جي خبر ڪنن تي پهچندي ئي پنهنجا جذبات نہ روڪي سگهيا. اهڙن محبِ وطن شاگردن لاءِ حليم باغي چيو، چيوسين جيڪو چپن تي آيو، تري تي پنهنجي سري نچائي، سري لڪائڻ ڳچي بچائڻ، اسان پڙهيو سو نصاب ڪونهي. حب الوطني جو جذبو انسان کي امر ڪري ڇڏي ٿو.سائين جي ايم سيد حب الوطني جي باري ۾ چئي ٿو،"جيڪڏهن عوام جي بهتري ۽ ڀلائي جو خيال رکڻو آهي تہ پنهنجي سياست جو بنياد حب الوطني جي زرين اصول تي رکڻو پوندو. اسان ان راءِ جا آهيون تہ هرماڻهون لاءِ وطن جي حب لازمي آهي جو وطن جو دوست ناهي سو بي ايمان آهي." آصف پنهور هڪ محب وطن هو جنهن پنهنجي سياست سنجيده نموني ايمانداري سان ڪئي ۽ امر ٿي ويو. آصف پنهور گهٽ ڳالهائيندڙ نوجوانن مان هو. هن ڪڏهن ڪنهن جي دل آزاري ڪرڻ نہ گهريو.آصف جي سنجيدگي جي ڪري ئي آصف کي بيگناه هميشہ جي لاءِ آرام جي ننڊ سمهاري وئي تہ جيئن اهڙا نوجوان بار بار نہ اٿن. هر دور ۾ هر رياست ائين ئي ڪندي آئي آهي.سنجيده ماڻهن کي ڦاهي چاڙهي،زهر پياري،گولي هڻي مطلب هر طريقي سان رستي تان هٽائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي آهي. شيخ اياز چيو، تون چئو مَ ڪچان، تون چئو مَ لچان، پر توکان هڪڙي ڳالہ پڇان تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين؟ اعلان هزارين مان نہ رڳو. پر دستورِ ڪائنات اهو آهي تہ هڪ جڳهہ خالي ٿي تہ ٻيو ماڻهو هن جي جڳهہ تي اچي ويو.ائين ئي هڪ شيءِ جيڪا نهي آهي اها ٽٽڻي آهي. پاڪستان غير فطري طرح هڪ گهري سازش جي نتيجي ۾ ڪوڙ دوکي فريب تي ٺهيل آهي. جنهن کي هٽرادو بہ قومي نظريو ڏئي،سنڌين ۽ بلوچن جي وسيلن گيس،تيل،پاڻي،ڪوئلو ۽ موهن جي دڙي جي وارثن ڌراوڙن جي وارثي تي ڌاڙو هڻڻ جي ناڪام ڪوشش آهي. جنهن کي ڪوبہ محب وطن ۽ ايماندار ڪارڪن ڪامياب ٿيڻ نہ ڏيندو.آصف سنڌ پرست ۽ سنڌيت جو عاشق هئڻ سان گڏ سنڌ جي عظيم بزرگن،اوليائن ،شاه لطيف،سچل،سامي،مخدوم بلاول جي واٽ تي هلندڙ هو جنهن جو مثال آصف جي مضمون "ٻچيل مذهبي ديو!سنڌ جو ڇا ٿيندو ؟" مان لڳائي سگهجي ٿو.آصف پنهنجو هي مضمون جساف جسمم جي رهبر رسالي ۾ لکندي چئي ٿو،"سنڌ هزارين سالن کان صوفين،رشين انسانيت جو درس ڏيندڙ اوليائن ۽ اهل الله هستين جي سرزمين رهي آهي. اسان موهن جي دڙي جي ماڻهن دنيا کي تڏهن اٿڻ ويهڻ،ڪپڙا پهرڻ سيکاريو، جڏهن اجان دنياکي گهر ناهي سماجي جاندار ٿي رهڻ جو سليقو بہ نہ آيو هو.سنڌين تاريخ ۾ ڪنهن تي جهل ۽ هلان نہ ڪئي

آهي. سنڌي آئي جو آڌر ڀاءُ ڪندڙ ۽ انسانيت جا قائل آهن.سنڌين جي ٻولي دنيا جي ٻولين ۽ تهذيبن جي آبياري ڪندڙ ۽ جنميندڙ آهي. آصف هڪ باشعور شاگرد هو جنهن سڀ ڪجهه ڄاڻيندي به ڪنڌن جي سيج تي هلڻ پسند ڪيو،ڇو ته هن کي خبر هئي، ته مرنداسين ته رت مان پنهنجي ڦٽندا سرخ گلاب. آصف هڪ علم دوست شاگرد هو ،جنهن زندگي جي هر موڙ تي شاگردن جي اڳواڻي ڪئي.

سائين جي ايم سيد جي ورسي هجي يا سالگرهه،يا وري "يوم سنڌوديش ڏي" آصف هر طرح سان شاگردن سان گڏ بيٺل نظر آيو ۽ هڪ ديانتدار اڳواڻ جي حيثيت سان شاگردن جي رهبري به ڪئي.مٿيئن سال 31 مارچ تي پارٽي طرفان 31 مارچ يوم سنڌو ديش جي اعلانيل پروگرام ۾ سنڌ يونيورسٽي انتظاميه وڏي رڪاوٽ وڌي،جنهن ۾ پوليس ۽ رينجرس هٿان بيگناه 47 شاگرد گرفتارڪري ڄامشوري ٿاڻي تي لاڪ اپ ڪيا ويا،۽ رات وچ ۾ ڪجهه شاگرد ڇڏيا ويا. بعد ۾ ٻئي ڏينهن 27 شاگردن کي پيش ڪيو ويو ،جيڪي ضمانت تي آزاد ٿيا. ۽ سيني کي 15 اپريل تاريخ ڏني وئي ته سيئي وقت جي پابندي سان ڪورٽ پهچن.سيئي 15 اپريل تي ڪورٽ پهتا ته جج شاگردن کي ويهاري سيني جي ضمانت رد ڪندي سيني کي زير حراست ۾ ورنڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو. جيئن ئي شاگردن کي نوٽيس بابت ڄاڻ ملي ته اٿل پٿل مچي وئي، ڪيترائي شاگرد نڪري ويا،پر 4 شاگردن کي ٻيهر گرفتار ڪيو ويو.جن کي وري ڄامشوري ٿاڻي تي لاڪ اپ ڪيو ويو.هڪ دفعو هنن شاگردن کي سڄو ڏينهن ٽي ويو ۽ ڪن سببن ڪري وٽن ڪير به نه پهچي سگهيو،اهڙي طرح بنا ڪجهه کائڻ پيئڻ جي سمورو ڏينهن اڃي پنهجي پڄاڻي تي پهتو،شاگردن وٽ پڪڙ ڪئي اها ڳالهه آصف کي خبر پئي ته دوستن اڃان ماني به ناهي کاڌي. آصف فوري طور سنڌ يونيورسٽي جي ٻن شاگردن کي موڪليو ۽ هنن جي مالڪي ڪندي هنن کي ماني ، ٻه ڙ برياني وغيره موڪلي ڏني.اها هئي شهيد جي فڪرمندي ۽ وڏي نظر.. محترم سائين حسين بخش ٿيٻو آصف پنهور جي باري ۾ مخاطب ٿيندي لکي ٿو" منهنجي هڪڙي مهربان دوست دور ديس مان شهيد آصف پنهور جي شهادت جو جيڪو منظرنامو لکيو آهي تنهن کي پڙهي پنڊ پهڻ بنجي ويو آهيان. هن لکيو "سائين جتي آصف پنهور کي شهيد ڪيو ويو ان ڳوٺ جا ماڻهون ڏيساور ۾ مون سان گڏ ڪمائين ٿا جيڪي شهيد آصف پنهور جي آخري گهڙين بابت ٻڌائين ٿا، هن واقعي جا اکين ڏٺا شاهد ان ڳوٺ جا ڌراڙ آهن.صبح جو پهر هو ڌراڙ پنهنجا مال چوڙي روڊ سائيڊ سان مال چاري رهيا هئا. هڪ لئنڊ ڪروزر جنهن کي ڌنار پيجارو پيا سڏين روڊ کان هيٺ لهي بيٺي ان مان هٿيار بندن هڪ نوجوان کي گارين،ڌڪن سان هيٺ لاٿو،جنهن هر ڌڪ تي جيئي سنڌوديش جا نعرا پي هنيا.گولين جو برسٽ هليو هٿياربند ٺهڪ ۽ گاريون ڏيندا گاڏي ۾ چڙهي روانا ٿيا.پاسي جي ڳوٺ مان ماڻهون برسٽن جي آواز تي ٻاهر نڪري گاڏي جي پويان ڏوڙيا،پر گاڏي تڪڙو ويئي هلي.اڄ به ڳوٺاڻا سوڳ ۾ ورتل آهن،پنهنجن ڪچهرين ۾ چوندا آهن ته اڙي جتي وڏن وڏن ڪنڌارخانن جا هيڏن هٿيارن جي سامهون جگر ڦاٽي پون اتي سفا معصوم ڪلهڙو جنهن کي مڇين جي سانول به اڃان مس آئي هئي موت جي سامهون ڪيئن نه پئي سنڌو ديش جا نعرا پي هنيا.اڙي هن ٻارڙي ۾ ته ڪو شينهن جو جگر هو." اهڙو هو اسان جو محبوب شهيدآصف پنهور جنهن وقت جي سامراج جي هار مڃڻ نه قبوليو ۽ تاريخ جي آسمان ۾ ستارو بڻجي ويو



## سنڌ جي تعليم جي تباهيءَ جو ذميوار ڪير: ڪانفرنس
## جساف(جسمم) چيئرمين حفيظ پيرزادو جو پيغام

چڙهه چڪيائي ٽڪيائي ٽر ٽيلهه،
اُٿي رائو ريلِ ويٺن تان واري وري.

دوستو ۽ ساٿيو!

**جيئي ماتر ڀومي سنڌوديش    جيئي سائين جي ايم سيد**

اڄ نهايت خوشي جهڙي ڳالهه آهي ته ڪجهه وقت پهرين اسان مڙني آزادي پسند سرفروشن جنهن مقصد لاءِ آل جساف ايڪشن ڪاميٽي جو بنياد رکيو، اهو اتحاد پنهنجي سنجيده نوعيت جي سياسي هلچل طرف روان ٿي چڪو آهي. جنهن لاءِ جساف جسمم نهايت پرعزم آهي ته اسان سڀ گڏجي هن جديد سائنسي دور جي تقاضائن موجب سنڌ جي شاگرد سياست لاءِ نوان محاذ کولي سنڌ جي نجات لاءِ جاکوڙينداسين.

دوستو:

سنڌ جي تعليم جي خستہ حالت، سنڌي شاگردن جي مستقبل کي اونداهي رکڻ لاءِ رياست جي هلايل هر حربي کان پاڻ چڱيءَ طرح واقف آهيون. نہ فقط ايترو پر هن تعليمي ويهڪ ۾ ڪيترائي دوست اهڙا بہ هوندا جيڪي پنهنجي تعليم سان سنجيده هوندي بہ يا تہ سياسي سرگرمين سبب روپوش رهڻ تي مجبور ڪيا ويا آهن، ڪن تي قتلن جو ڪوڙيون ايف آءِ آر ڪٽرائي ڪين يونيورسٽين مان ريسٽيڪيٽ ڪيو ويو آهي، تہ تازو وري انجنيئر آصف پنهور جي مثال جيان شاگردن تي تشدد، ٽارچر سيلن ۾ قيد ڪرڻ، افضل پنهور، عامر، سجاد جيان ڪيترن کي شهيد ڪري ڇڏڻ، علي نوناري، بشير آريسر جهڙن ڪيترن کي اپاهج بڻائي ڇڏڻ جي ڪڏي ڪرت رياستي ادارن گهڻي وقت کان پاڙي آهي. ان جو سڌي يا اڻ سڌي طرح توهان ۽ اسين سڀ ڪنهن نہ ڪنهن طرح شڪار بہ رهندا پيا اچون.

ٻئي طرف عام سنڌي نوجوان کي تعليم حاصل ڪرڻ جا موقعا نہ هئڻ جي برابر آهن. اسان جي تنظيم جي ڪيل سروي موجب اها صورتحال هيٺينءَ طرح آهي.

اسان جو نوجوان پرائمري 60% مڊل 50% ميٽرڪ 45% انٽر 40% گريجوئيشن 25% جڏهن تہ پوسٽ گريجوئيشن تائين اسان جي نوجوانن جي ڪل آبادي جو فقط 20% سيڪڙو تعليم پرائي رهيو آهي آهي. باقي معاشي تنگي، اسڪولن ڪاليجن جي سهولتن نہ هئڻ يا ٻين سببن جي ڪري تعليم پرائڻ ڪان مڪمل طور وانجهيل آهي. تعليم جي لحاظ کا سنڌ جي حالت آفريڪا جي ماٺهن جهڙي وڃي بچي آهي!

تعليمي ادارن جي آڳ واڳ آءِ ايس آءِ، رينجرز جي حوالي ڪئي ويئي آهي! ايتري تائين جو هاڻي رينجرز پرامن احتجاج ڪرڻ تان شاگردن، ايستائين جو شاگرديائين تي تشدد ڪرڻ کان بہ نٿي مڙي. تازو ان جو مثال توهان 31 مارچ 2014 تي ۽ تازو هاڻي آصف پنهور جي گمشدگي خلاف عام شاگرديائين سان رينجرز جي روا رکيل سلوڪ کي ڏسي چڪا آهي! اسان جي شاگردن ۽ اسان جي نياڻين کي تعليمي ادارن اندر بندوق جي غلبي هيٺ رکيو ويو آهي! ساڻن ڏوهارين جهڙو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو! هر ڏينهن هاسٽلن مٿان لانگ بوٽن جي يلغار آهي! شاگردن جون غمشدگيون روز جو معمول آهن! اهڙن عتابن سبب اسان جو شاگرد تعليمي ادارن اندر ذهني طور مفلوج بڻجندو پيو وڃي.

عام طور تعليمي نصاب مدي خارج، پڙهائڻ جا طريقا ۽ حڪمت عمليون اهي ئي سئو سال پراڻيون! سفارشي ڪلچر تي استادن جون مقرريون! انتظامي، سياسي مداخلت! هٽ وٺي استاد يونين کي هاءِ جيڪ ڪري من پسند تعليم دشمن سرگرمين ۾ هيرائي استادن هٿان ئي هتي تعليم جو ٻيڙو ڇاڻي ٻجهي ٻوڙيو ويو آهي. مٿان اسان کي مهڻا ڏنا وڃن ٿا تہ تعليم ڏيندڙ ۽ وٺندڙ جيئن تہ ٻيئي سنڌي آهن! جيڪي پنهنجي تتعليم سان غير سنجيده آهن ان ڪري ئي سنڌ جي تعليم نہ ٻيئي سڌري! ان مٿان ڪي ٻولڙيا پڻ اهو راڳ آلاپين ٿا. پر ان سموري ماجرا ۾ رياست ۽ ان پاران پيدا ڪيل سمورو وايومنڊل ڪنهن جي ڪاتي ۾ ويندو!؟ اهو هتي ويٺل صحافي ۽ محترم استادن، سماجي اڳواڻن کان آهي. ڇا اها رياست جي ذميواري ناهي تہ اها جديد طرز تعليم جون سڀ سهولتون، جديد سائنسي طرز جو نصاب آڻي. استادن کي جديد تعليم جي گهرجن موجب ٽريننگ ڏيئي. معقول معاوضو ۽ سفارشي ڪلچر کي ختم ڪري! پر اهي

اهڙا سوال آهن جن جي جواب جي اسان توهان کي اعواڻ ئي خبر آهي. تڏهن آءُ اسان جي هن تعليمي تباهي جو يڪي سر ذميوار رياست کي قرار ڏيان ٿو. ۽ الاعلان چوان ٿو رياست جي ايجنڊا ۾ اڻ پڙهيو سنڌي سماج آهي جيئهن کي اوندهه ۾ آڏيڙا ڪارا”ڻ چاهين ٿا!.

اسان سمجهون ٿا ته سنڌ جي تعليم جي تباهي جي ٻي ذميواري سنڌ جي پڙهيل لکيل طبقي جي مٿان عائد ٿئي ٿي جن ان هيڏي وڏي هاڃي تي ٻه يا ته پنهنجي چپن تي ماٺ جي مهر هڻئي آهي يا ته سڪٽن سيمينارن ۽ اخباري بيانن کان اڳتي وڌي هن سماج جي چڱي طرح رهنمائي نه ڪئي آهي.

اسان جا مائٽ، استاد، نوجوان ۽ پيڙيل طبقو ان سموري معاملي ۾ ڪا ٻه درست سياسي تحريڪ نه ملڻ باعث وائڙو ٿيل آهي. هڪ پاسي انهن کي ذهني اپاهج ڪري رکيو ويو آهي. ته ٻئي پاسي وري ان تباهي جي ذميواري ٻه مٿن عائد ڪئي وڃي ٿي! سياست جي سائنس اسان کي سمجهايو آهي ته پيڙيل طبقو پنهنجي تباهي جو ذميوار فقط تڏهن هجي ٿو جڏهن اهو انهيءَ تي خاموش رهي بزدليءَ جو مظاهرو ڪندو هجي، پر سنڌ جو شعور پنهنجي پاڻ سان ٿيندڙ هر انياءَ تي نه رڳو وڙهيو آهي ۽ سدائين مزاحمت ۾ رهيو آهي، پر هر طرح ان سياسي محاذ آرائي ڪئي آهي.

دوستو:

ڳالهيو ته ڪيتريون ئي ڪرڻ تي دل گهري رهي آهي ته پنهنجي قوم سان ٿيندڙ ڪلورن ٻابت ههڙين گڏجاڻين ۾ دل کولي اوهان ساٿين سان ڳالهائجي. بهتر حڪمت عمليون جوڙي نتيجا خيز سياسي تحريڪ برپا ڪجي. ان ئي سمت ۾ آءُ اوهان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي وسوق سان چوان ٿو ته جساف جسمم توهان آزادي پسندن تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪري ٿي ته پاڻ سڀيئي شهيدن جي رت ۽ ڌرتي جي عظمت جي ڪنيل هر قسم کي پاڻي ڏينداسين. جساف جسمم سنڌ جي تعليم جي سڌاري واري نقطي کي پنهنجي مک ايجنڊا طور ماضيءَ ۾ ٻه ڪنيو آهي ۽ آئنده ٻه اسان سنڌ جي آزادي جي سنگ ميل ۾ تعليم جو ڪُلي ڪردار تسليم ڪيون ٿا. سنڌ جي آزادي جي لاءِ اوهان جي هر ڪنيل وک ۽ ڪيل هرعمل ۾ جساف جسمم توهان سان گڏجي هر اولين دستي جو ڪردار ادا ڪندي.

اوهانجو ياءُ
حفيظ پيرزادو
چيئرمين جساف(جسمم)

# سنڌ ۾ رائج ڪيل سنڌ دشمن تعليمي نصاف تي سراسري نظر-

## (جي.ايم لغاري - سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو)

عام چوڻي آهي ته ڪنهن قوم کي غلام بڻائڻو هجي ته ان قوم کان تعليم ڦري وٺو، آءُ ٽورو واڌارو ڪري چوان ٿو ته جنهن قوم کي غلام بڻائڻو هجي ته ان قوم جي نه صرف تعليم ڦرجي پر رائج ڪيل ٽوري گهٽي تعليم تي به قبضو ڪري ڇڏجي، جيئن پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ سنڌ جي تعليم نه صرف ڦري وٺي پر رائج ڪيل ٽوري گهٽي تعليم تي به قبضو ڪري غلط، فرسوده، ناڪارا، تعصب پرست، انتهاپسند، بنياد پرست، رجعت پرست ۽ فرقي وارانا تعليمي نصاب متعارف ڪرائي سنڌي ماڻهن جي تاريخي، سياسي، ثقافتي ۽ سماجي تعليم کي مڪمل ناڪارا بڻايو پئي ويو آهي ۽ اهڙو نصاب رائج ڪيو ويو جنهن سان سنڌي ماڻهو سنڌا ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ پروفيسر ته ٿي سگهن ٿا پر هڪ بهتر انسان نٿا ٿي سگهن ڇاڪاڻ ته هن رائج ڪيل نصاب جي تعليم سان سنڌي ماڻهو وڏن عهدن تي فائض ٿي منافق، ٺڳ، تعصب پرست ۽ مفاد پرست بڻيو پوي ٿو پر ان ۾ حب الوطني، انسانيت ۽ خلق خدمت جهڙا شاهڪار جذبا محرڪ ٿي نٿا ٿين. هن نصاب وسيلي شاگرد سنجيده سياست ته ڇا پر سياسي تعليم کان به محروم رهجي وڃي ٿو، جيڪي سنڌ سان وڏي زيادتي آهي، ڇاڪاڻ ته شعور جو بنيادي ايڪو سياست ئي آهي اهو ئي سبب آهي جنهنڪري سنڌي شاگردن ۾ تعليم ته آهي پر قوم ۽ سماج جي قومي ۽ سماجي مسئلن کي سمجهڻ، پرکڻ ۽ حل ڪرڻ جو شعور ناهي جنهنڪري قوم ۽ سماج جي ترقي ونرائڻ لاءِ سنڌي شاگردن ۾ اها قابليت پيدا نه ٿي ٿئي، اهڙي نصاب سان هي ظالم ۽ فاشسٽ رياست پنهنجي مستقل مفادات جو تحفظ پئي ڪري ڇاڪاڻ ته وقت جا ظالم سامراج خدا ڪان به ايترو نه ڊڄندا آهن جيترو هو سنجيده سياست کان لهرائين ٿا. سنڌ جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ رائج ڪيل تعليمي نصاب تي مٿاڇري نظر وجهبي ته پاڪستان جي تاريخ ۽ ٻي قومي نظريي کي پڙهي سمجهبو ته نصاب سنڌ دشمن بنياد تي ٺهيل آهي پر جڏهن نصاب تي اونهي سان غور ويچار ڪري ڇنبو ته اهو نصاب نه صرف سنڌ دشمن پر انسان دشمن آهي ته انهن لفظن ۾ ڪو به واڌارو نه ٿيندو. پرائمري جو شاگرد ڪوري ڪاغذ جي مثل هوندو آهي تنهنڪري بنيادي تعليم دوران ان شاگرد جي ذهن ۾ جيڪو به ڇٽيو ويندو اها ڇٽ سالي وڏي عمر تائين به هن (شاگرد) جي ڪردار وسيلي پنهنجا اوهڃاڻ ظاهر پئي ڪندي اهو شاگرد غيرنصابي ڪتاب پڙهي پاڻ ۾ تبديلي آڻي سگهي ٿو پر اسان وٽ اڪثر شاگرد پرائمري تعليم تائين محدود ٿيو وڃن جنهنڪري شاگرد ۾ ممڪنه ايندڙ تبديلي به ناممڪن بڻيو پوي، ان پرائمري جي شاگرد لاءِ رائج ڪيل درسي ڪتابن ۾ "ڪافر" لفظ ڪثرت سان استعمال ڪيو ويو آهي ۽ ڄاڻايو ويو آهي ته ڪافر بتن جي پوڄا ڪندا هئا (سڌو هندن طرف اشارو) جن نبي پاڪ صلم کي تمام گهڻيون تڪليفون ۽ عذيتون ڏنيون اهڙي نموني نصاب جي شروعات ۾ اسان جي شاگردن کي مذهب جي ناڻي ٻين انسانن (غير مسلم) سان نفرت ۽ تعصب ڪرڻ سيکاريو وڃي ٿو جيڪو سنڌ جي مذهبي رواداري ۽ صوفيائي مزاج واري سوچ جي خلاف آهي ان عمل به سنڌ کي تمام گهڻو نقصان رسايو آهي، نصاب ۾ سنڌ جي ڪلچر مان مهمان نوازي جو درس ته ڏنو ويو پر مذهبي رواداري جي تربيت نه ڏني وئي پرائمري جي معصوم ٻارن کي نصاب ذريعي قومي سورمن ۽ رهبرن جي تعليم ڏيڻ بجاءِ پنجاب، پختونخواه، هندستان، افغانستان ۽ عرب ملڪن جي غاصب، حملا آور ۽ مذهبي انتهاپسندي کي نمايا ڪيو ويو. مذهب جي بنياد هيٺ ٺهيل هن نصاب ۾ قومي سورمن کي غدار ۽ ظالم قرار ڏنو ويو، جڏهن ته سنڌ جي ليڊرن مان صرف انهن ئي ليڊرن جو پڙهايو ويو جيڪي بظاهر خد مذهبي تعصب پرست رهيا پئي، جيئن سنڌ مدرست الاسلام جو قيام رکندڙ حسن علي آفندي جي باري ۾ ته پڙهايو ويو پر، "ديوان گدو مل ڪاليج " نالي سنڌ ۾ پهريون ڪاليج ٺهرائيندڙ ديوان ڏيارام گدومل جو ذڪر به نه ڪيو ويو. ميوا رام شاگردن لاءِ هاسٽل ٺهرائي ان کي به وساريو ويو، مذهبي انتهاپسند ۽ تعصب پرست شخصيت بابت نصاب ۾ گهڻو ڪجهه لکيو ويو پر سنڌ جي صوفين تي جيڪي سبق ڏنا ويا ان ۾ انهن صوفين جي مقصد کان وڌيڪ انهن جي درگاهن تي لڳندڙ ميلن کي نمايا ڪيو ويو جنهنڪري سنڌي سماج پيري مريدي جهڙي ڏيڻ ۾ ڏڪجندو پيو وڃي، نصاب ۾ ملن پاران بيان ڪيل اسلامي تشريح پيش ڪري ظاهري عبادت تي زور ڏنو وڃي ٿو جڏهن ته صوفين ۽ درويشن جي ڏنل اندر اجارڻ، خدمت خلق ۽ او ڪو ٻيو فهم پسڻ واري تعليم کان شاگردن کي محروم رکيو ويو، نصاب ۾ سنڌ جي جن شهرن کي بيان ڪيو ويو، انهن شهرن جي ان شي کي ئي فوڪس ڪيو ويو جيڪي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان هڪ مذهب (اسلام) سان تعلق رکي پئي، جيئن روهڙي، ٺٽو،حيدرآباد، سکر وغيره ته پڙهايا وڃن ٿا پر هنگلاج (جنهن بابت هاڻي سبق ڏنو ويو آهي)، مڪلي، اڏيرو

# جساف جسمر سائين جي ايم سيد جي هدايتن تي عمل پيرا

## (ڪرشن دراوڙ)

تنهنجي ٽيسز، ڊگري وٺڻ واري نہ گهرجي، سنڌ جي پنج هزار سالن جي پيغام جي کوجنا ڪرڻي آهي. رهبرِسنڌ محترم سائين جي ايم سيد هڪ خط ۾ اِها هدايت سندس فڪري وارث ۽ پياري ڏيئُ، جيجي درشهوار کي ڪئي هئي. فڪرِسيد ۽ بدلجندڙ صورتحالن مان وقت بہ وقت اِها ڳالهہ ثابت پئي ٿيندي رهي آهي تہ سنڌ، پاڪستانَ جهڙي دوکي ۽ پنجابي مستقل مفاد ۽ انهن جي ديسي ايجنٽن جي غلام آهي. مان سمجهان ٿو تہ گذريل ڪجهہ سالن کان هن رياست جي مشنري اندر سنڌ کي نوجوانن ۾ وڌندڙ قومي ۽ سياسي شعور سان گڏوگڏ قربانيءَ جو مادو ڏسي غير معمولي پيچيدگيون اچي چڪيون آهن، جنهن جي ئي ڪري رياست چريي هاٿيءَ وانگر چِتي ٿي بنا سوچي سمجهي مختلف وقتن تي پنهنجي سفاڪ چهري کي منظرعام تي آڻڻ تي مجبور ٿئي وئي آهي. مادرِ علمي سنڌ يونيورسٽي جيڪا تقريبن اڌ صديءَ کان قومي تحريڪ جو تربيتي مرڪز رهندي آئي آهي، اُن هوندي بہ هن رياست کي ڪڏهن بہ اهڙي اشدُ ۽ اوسُ سڪيورٽي جي ضرورت نہ پئي هئي جو هاڻي وري ڪجهہ وقت ۾ هيءَ رياست سنڌ يونيورسٽيءَ کي نيم فوجي ڇاوڻي جو ڏيک ڏيئي ڪهڙي ملڪ دشمن قوت کي روڪڻ پئي چاهي؟؟ نهتي نوجوان شاگرد آصف پنهور مان انهن کي ڪهڙو خوف هئو جو پوري ضلعي جي پوليس ساڻ ڪري رياستي ادارن جي ماڻهن هن کي اچي ڪنييو؟ تمام وڏا وڏا دهشتگر موجود هوندي بہ ايجنسين ۽ فوج کي اهڙي ڪهڙي ضرورت پئي جو اهي عيد جهڙي مقدس ڏينهن تي بہ سيڙجي اچي هڪ معمولي شاگرد شڪيل ڪونهارو کي سندس گهران ڪنيي ڪٺي ويا؟ روحيل، ڪمليش، سجاد ۽ افضل اهڙي هڪڙي قوت سان سرشار هئا جو رياستي ادارا انهن جا نالا ٻڌي ڇرڪن ۾ پئجي ويندا هئا؟ رهبرِاعظم جيڪي هدايتون سندس پياري نياڻي درشهوار کي ڪيون، اهي اڄ سڏيءَ طرح جساف جسمر سان سلهاڙيل هر نوجوان شاگرد پنهنجي پاڻ ڏانهن سمجهي ان کي لبيڪ ڪري عمل پيرا رهيو آهي، جساف جسمر سان سلهاڙيل هر نوجوان سنڌ ۽ سنڌ جي تعليم جي دشمن قوتن کي 'هٿيار هوندي بہ هيٺا' هجڻ جو احساس وقت بہ وقت پنهنجي تعليم ۽ قومي مقصد حاصل ڪرڻ واري هن جساف جسمر جي قافلي جو حصو هجڻ جي صورت ۾ پئي ڏنو آهي. هڪ محڪوم قوم جو فرد ۽ طالبِ علم هجڻ جي باوجود پنهنجي ذهنن جي تشڪيل ۽ نشونما ڪنهن آزاد ملڪ جي جديد تعليم يافتہ طالبِ علم جي ذهن جهڙي ڪرڻ، امنِ عالم ۽ اتحادي انساني جي پيغام کي دنيا تائين رسائي ڏيارڻ واري هن سفر ۾ پنهنجي عقل ۽ فهم جي مهارتي دائرن کي وسيع ڪرڻ ۽ سُڌارڻ جي مسلسل مشقن هر وقت مَهو رَهڻ ئي سبب آهِن جو هيءَ رياست هنن دُنيا جي سڀ کان منفرد طالبِ علمن کان انتها جي حَد تائين خائف آهَي جيڪي آصف پنهور وانگر سيني ۾ شيهي جي گولي هوندي ۽ موت جي ڪنڌيءَ تي کُڙندي بہ پنهنجي وطن جي وائي ۽ رهبر جا احسان ڳائڻ کان قاصر ناهِن . هيءَ مرغدار نَہ تڏهن ايترو مهذب هو جڏهن هِن ڍاڪا يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن جي رَت سان سنان ڪيو نَہ ئي هِن ۾ ڪو بہ حيا ۽ شرم اڄڪو آهَي جو ئي سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ خون جي ننگي ناچ کان ٿورو مهذب پَڪي طرف وڌندو . مان سَمجهان ٿو تَہ هاڻي هِن رياست بنگلاديش کان شِڪست کائڻ کان پوءِ ٻين غُلام قومن تي آزمائڻ لاءِ نوان هَٿ ڪَنڊا لازمِي سڪيا هوندا ،جيڪي گهَٽي قدر وقت بہ وقت اسان تي آزمائيندو بہ رهيو آهَي، هِن فاشزم جي ڪارخَاني ۾ سفاڪيت جو مادو ڪڏهن گُهٽو ناهَي پَر جساف جسمر جو ايترين سختين کان پوءِ بہ ثابت قدمي سان بيهي رَهڻ هن رياست کَي پنهنجي منطقي انجام جي قريب پُهچائي ڇڏيو آهَي هيءَ رياست اِن خوش فهميءَ ۾ آهَي تَہ سنڌ ورسٽيءَ کي فورسز جي ڇانوڻيءَ ۾ تبديل ڪَري هو آزادي لاءِ اُٿندڙ آواز کي خَتم ڪَري سَگهندا. اُن لاءِ مُنهنجا سنڌي شاگرد ڀائرو ! اچو تَہ رياست جي اِن خوشفهميءَ کي خامَ خيالي ۾ تبديل ڪَيون ۽ نَہ صرف سنڌ يونيورسٽي بلڪي سنڌ جي هر تعلِيمي اِداري ۾ جساف جسمر جو پيغام پُهچائي پوٽن جا بُنياد وِجهون ۽ رهبر جي اُنهيءَ هدايت کَي مَشعلِ راه سَمجهي اڳتي وَڌون ۽ ڊگري حاصل ڪَرڻ لاءِ نَہ، نَہ ئي ڪا نوڪري وَٺي سَرڪاري غُلام بڻجڻ لاءِ پَر پاڪستان جي پنجوڙ کان سنڌ کَي آزاد ڪَرائڻ لاءِ پنهنجون تعليمي ۽ عقلي مهارتون صَرف ڪَريون ۽ وڌ کان وڌ تعليم حاصل ڪَريون

is the training Education ,Education is not the fact of learning or to get degree but"
& over the slavery of our people thinking ,of mind to extend ability of thinking
"Imperialism Fascist Soil, Thinking over how to get Freedom from this

# شهيد افضل پنهور



نالو افضل پنهور
ولد منور حسين پنهور
ايڊريس ڳوٺ خالد محمد پنهور تعلقو ڦلجي ضلعو دادو
پرائمري تعليم يوسف پنهور اسڪول مان ڪيائين
ميٽرڪ طالب مولا ھاءِ اسڪول دادو مان ڪيائين
انٽر آرمي پبلڪ اسڪول دادو مان ڪيائين

گريجوشن سنڌ ورسٽي ڄامشورو مان بائيو ڪيمرسٽري ڊپارٽ مان فائينل ڪيائين گڏوگڏ جساف جسمر جو پهريون سنڌ ورسٽي ضلعي جو صدر پڻ رهيو..

ڪنيجڻ جي تاريخ 26 جون 2011 انٽرشپ جي حوالي سان حيدرآباد مان ڪڍيو ويو 11 مهينا 16 ڏينهن مسلسل غيرانساني تشدد ۽ ڪيميڪل پيئاري مرٽيگ حالت ۾ نئون ڪوٽ ڀرسان 11 جون 2012 تي اڇلايو ويو.

دين ايمان سلامت ڪٽي آيل حلالي پٽ ڪي جساف جسمر جو مرڪزي وائس چيئرمين ۽ جسمر جي رابطا ڪاميٽي جو ميمبر رکيو ويو

15 آگسٽ 2013 تي وري ڪيس ڪنيو ويو سخت تشدد جو نشانو بڻائي هٿ ۽ پير ڀڃي سيني ۾ گوليون هڻي ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي ڪوٽڙي ڀرسان لاش اڇلايو ويو سوين گاڏين صورت ۾ آيل قافلي ۾ شهيد جي ديھ بادي کڻائي پهرين ڳوٺ خالد پنهور آندو ويو جتان سياسي ڪعبي سن آندو ويو ۽ شهيد ڪي وصيعت موجب سن ۾ سائين جي ايم سيد ۽ مظفر ڀٽو جي پيرانڌي ۾ دفن ڪيوويو.

# شهيد آصف پنهور



نالو: آصف پنهور
ولد : فيض محمد پنهور
ڄم جي تاريخ :
ايڊريس : گولاڙچي شهر ضلعو بدين
پرائمري تعليم : ڪاسبي ڪڇي مان ورتائين
ميٽرڪ ۽ انٽر آرمي پبلڪ اسڪول گولاڙچي روڊ بدين مان ڪيائين
گريجوئشن ٽيليڪام ڊپارٽمينٽ سنڌ يونيورسٽي جو فائينل ايئر جو شاگرد هو

ڪنيجڻ جي تاريخ 15 آگسٽ 2014 تي ڳوٺ ڪان حيدرآباد پهتو ۽ نسيم نگر ۾ هڪ قومپرست اڳواڻ جي گهر مان ڪنيو ويو 3 مهينا 10 ڏينهن مسلسل گمشدگي ڪان پوءِ 28 نومبر 2014 تي سنڌ جي ڳاڙهي ڳيرو پٽ جو لاش لاڙڪاڻي ضلعي جي تعلقي باقراڻي جي هڪ ڳوٺ مان چچريل حالت ۾ مليو جنهن تي سخت غير انساني تشدد ٿيل هو سندس وات ۾ گوليون لڳل هيون سڃاڻپ بعد لاش چانڊڪا ميڊيڪل اسپتال نيو ويو جتي شهيد جي دوستن ۽ وارثن لاش وصول ڪيو سنڌ جي دلير ۽ بهادر پٽ هو لاش کڻائي پنهنجي اباڻي شهر گولاڙچي ورانا ٿيا ۽ هر وک وک تي سنڌي ماڻهن ۽ قومي ڪارڪنن شهيد جو استقبال ڪيو ۽ گولاڙچي پهچڻ ڪان پوءِ شهيد ڪي نعرن ۽ گولين جي گونجار سان شهيد ماجد ميمڻ جي ڀرسان دفن ڪيو ويو



# شهيد سرويچ پيرزادو

نالو سرويچ علي پيرزادو

ولد لطف علي پيرزادو

ايڊريس ضلعو لاڙڪاڻو تعلقو ڏوڪري ڳوٺ ٻلهڙيجي

پيدائش 9 فيبروري 1991 ڳوٺ ٻلهڙيجي ۾ جنم ورتائين

پرائمري تعليم ڳوٺ ٻلهڙيجي جي اسڪول حاجي لعل بخش شيخ مان پڙهي پاس ڪيائين

ميٽرڪ اسٽينڊر پبلڪ اسڪول ڏوڪري مان ڪيائين

انٽر حيدر بخش جتوئي ڊگري ڪاليج ڏوڪري مان ڪيائين

انٽر ڪان پوءِ روزگار سانگي ڪراچي ۾ رهيو روزگار سان گڏوگڏ قومي تحريڪ جي مختلف عهدن تي رهيو جساف جسمر تعلقي سچل ڳوٺ جو صدر پڻ مقرر ٿيو بعد ۾ سيڪريٽري ضلعو اوپر پڻ ٿيو آخر ۾ جساف جسمر ڪراچي جو ڊي او مقرر ٿيو .سنجيدگي سان سياست ڪرڻ جي ڏوهه ۾ 11 سيپٽمبر شام جو 4 وڳي ڪراچي جي صدر واري علائقي مان رياستي ادارن طرفان ڪنيپ گم ڪيو ويو 2 مهينا 20 ڏينهن مسلسل گمشدگي ڪان پوءِ 1 ڊسمبر 2014 تي سندس گولين سان پروڻ ڊرل جي سوراخن سان پرپور اليڪٽرڪ شارٽ ڏنل لاش نوري آباد پرسان مليو سندس همسفر ساٿي واجد لانگاهه جو ٻه لاش ساڳي ئي هنڌان مليو بعد ۾ شهيد سرويچ علي پيرزادي جو لاش ڳوٺ ٻلهڙيجي آندو ويو جتي شهيد کي نعرن ۽ گولين جي گونجار سان اباڻي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو ياد رهي ته شهيد سرويچ علي پيرزادي جو لاش سندس والد شاهه سائين جي ان سٽ سان وصول ڪيو هو ته “وڍيي سي واڍهوڙا رت ته ڏنو جڻ موت قبوليوتن ڏنو جن ڏکئي کي ” ٻلهڙيجي جيڪا ماضي ۾ ڪميونسٽ سوچ رکندڙ ماڻهن ڪري لٽل ماسڪو جي لقب سان سڏي ويندي هئي اها ٻلهڙيجي اڄ شهيد سرويچ علي پيرزادي جي شهادت ڪان پوءِ ويٽنام جي لقب سان سڏي وڃين جتان شهيد مان اتساهه وٺي هزاين انقلابي جنم وٺندا.



# شهيد شڪيل احمد ڪونهارو

نالو شڪيل احمد

ولد گل محمد ڪوهارو

پيدائش 3 اپريل 1989 ڳوٺ ڪريم ڏنو ڪوهارو تعلقو باقراڻي ضلعو لاڙڪاڻو

پرائمري پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڪريم ڏنو ڪوهارو ۾ پڙهيو

ميٽرڪ هاءِ اسڪول ڏوڪري مان پڙهيو

انٽر حيدر بخش جتوئي ڊگري ڪاليج ڏوڪري مان ڪيائين

گريجوئيشن سوشل ورڪ ڊپارٽمينٽ سنڌ ورسٽي فرسٽ ايئر جو شاگرد هو

6نومبر تي گهر مان ڪنيپيو يو ۽ 12 نومبر تي ڇهن ڏينهن اندر سندس ڇچريل لاش ڪراچي پيپري مان هٿ آيو

شهيد شڪيل جو مڙهه قافلي جي صورت ۾ سندس اباڻي ڳوٺ پهچايو ويو ۽ هزاين آلين اکين سان کيس سنڌ ڌرتي جي هنج ۾ هميشا لاءِ آرامي ڪيو ويو.



## شهيد اسد عباسي

نالو اسد الرحمٰن عباسي.
والد عبدلرحمٰن عباسي .
پيدائش 21آڪٽوبر 1985ع تي ڪراچي گلشن حديد ۾ ڄائو .
پرائمري کان انٽر تائين ڪراچي جي خانگي اسڪولن ۾ پڙهيو .
شهادت 8 آگسٽ 2009ع .

اسد عباسي مهراڻ يونيورسٽي جي آرڪيٽڪ شعبي جو شاگرد هو هڪ بهترين شاگرد هجڻ سان گڏوگڏ هڪ بهترين شاگرد اڳواڻ پڻ هو اسد علي عباسي شاگردن جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ ڪيترائي ڪم ڪيا ۽ سنجيدگي سان ڪم ڪرڻ جي ڏوهه ۾ رياست ڪيس8 آگسٽ 2009 تي مهراڻ ورسٽي اندر گوليون هڻي شهيد ڪرايو جنهن جي تدفين هزاين شاگردن ۽ قومپرستن اڳواڻن جي موجودگي ۾ گلشن حديد ۾ ٿي.



## شهيد عامر کهاوڙ

نالو، عامر کهاوڙ
والد جو نالو . سڪندر کهاوڙ
پيدائش ، 25 جولاءِ 1988
ڳوٺ . ڳاجي کهاوڙ
پرائمري تعليم ، ڳوٺ ڳاجي کهاوڙ ۾ ئي پڙهيو
ميٽرڪ . گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ ڪيائين

انٽر.ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان ڪيائين ۽ پوءِ سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس مان بي اي سي ڪري رهيوهو

ڪنيجڻ جي تاريخ 25 اپريل 2013 تي سائين جي ايم سيد ورسي تي ايندي لاڙڪاڻي مان ڪنيو ويو

شهادت 28 اپريل 2013 تي خيرپور ناٿن شاهه پرسان روڊ تص سندس لاش اڇلايو ويو شهيد سجاد مرڪنڊ ۽ ساٿس گڏ شهيد ڪيو ويو ٻنهين جا لاش گڏ مليا هئا.

ايڊريس ڳوٺ گاجي خان کهاوڙ تعلقو وارهه ضلعو قمبر شهدادڪوٽ ان وقت لاڙڪاڻي شهر ۾ رهندو هو ۽ جساف جسمر ضلعي لاڙڪاڻي جي نائب صدر طور ڪم ڪري رهيو هو .. شهيد عامر ڪي هڪ پٽ جي ولاد پڻ آهي شهيد عامر ڳوٺ ڳاجي خان کهاوڙ ۾ پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ دفن ٿيل آهي .



## شهيد فهيم پنهور

نالو فهيم حيسن پنهور
ولد.غلام قادر پنهور
پيدائش 29 نومبر 1996ع ضلعو لاڙڪاڻو تعلقو رتوديرو ڳوٺ ٻنگل ديرو
پرائمري تعليم گورنميٽ پرائمري اسڪول ٻنگل ديري مان ورتائين
ميٽرڪ گورنميٽ هاءِ اسڪول ٻنگل ديري مان ڪيائين
فرسٽ ايئر جا تازا پيپر پڻ ڏنا هئائين

10 آگسٽ تي رياستي اداران طرفان گلن جهڙي معصوم ٻار کي ڪنيو ويو ڪيترائي ڏينهن مسلسل ٽارچر ڪرڻ کان پوءِ ڪيس 2 ڊسمبر تي ڪراچي جي حب واري علائقي ۾ گوليون هڻي اڇلائي ڇڏيو ۽ 3 ڊسمبر تي عظيم شهيد جو لاش پنهنجي اباڻي قبرستان ڳوٺ ٻنگل ديري ۾ گولين جي گونجار ۽ شاهه صاحب جي بيتن جي عظيم پيغام ڏئي دفنايو ويو.

شاعر (Anc Kumalo):

## سنڌيڪار:عرفان لُنڊ

اچو تہ نظم لکون
لهو وانگر لال ۽ تازھ
گِهنڊ وانگر وچندڙ نظم
جيڪي ماڻهن کي جاڳائين
جن جو عنوان زندگي هجي موت نہ،
اميد هُجي مايوسي نہ،
صبح هجي شام نہ،
تازگي هُجي سُستي نہ،
جدوجهد هجي جمود نہ،
!شاعر
تہ خواب حقيقت بڻجي سگهن ٿا، ڏيان تو ماڻهن کي يقين
آزادي جي ڳالهہ ڪر،
ڏن وارن کي هنن جي خوشبودار ۽
خواب گاهن ۾ فن پارا
سجائڻ ڏي،
آزادي جي ڳالهہ ڪر،
۽ ماڻهن جي اکين کي ڇُهي
انهن کي احساس ڏيار تہ انهن ۾ ڪُل ڌيئڻ جي سگهہ موجود آهي،
!ها
اها سگهہ جيڪا زندانن جي سلاخن کي
ڪچڙي ڪاٺي وانگر مروڙي ڇڏيندي آهي،
جيڪا ڪنڊن وانگر پيرن ۾ چُڀندڙ مضبوط پٿرن کي
شيشي وانگر ٽُڪرا ٽُڪرا ڪري ڇڏيندي آهي،
شاعر انهن ماڻهن کي ڳوله،
.جيڪي ٻورين جا مُنهن کولي ڇڏيندا آهن
ان ڪان اڳ جو
.ايندڙ ڏهن سالن کي گُذريل ڏھ سال کائي وڃن

..پويون هي پيرون، نينهن نيائي هليا

# Father of slain JSSF activist recounts tale of horror

Saher Baloch

**LARKANA: Gul Mohammad Koharo cries as soon as he is asked about his son. His home in the squatter settlements, known as the Karim Dino Koharo village, 32 kilometres from Larkana, was stormed by a group of uniformed and plain-clothes officials on the first day of Eid ul Azha. They were looking for his son, 22-year-old Shakeel Ahmed Koharo.**

Sitting near an open veranda, with the grave of his son right opposite it, Gul cries as he narrated how his son was dragged from the charpoy where he was sleeping by the officials while he tried to make sense of what was happening.

"They hit me with the back of their guns as they took my son away. It was before the Fajr prayers and these men suddenly arrived in a convoy of cars. I couldn't understand why they were taking my son away," he says with a bewildered expression.

In the ensuing few minutes, his other son was blindfolded and made to sit in a corner, while Gul was busy pulling the arms of men taking his son away.

His elder brother, refusing to disclose his name, says that a man was standing nearby with his face covered who initially nodded towards Shakil after which the officials went towards him.

Though Koharo fought with all his might, Shakeel was taken away. Five days later his tortured body was found in Karachi within the remit of the Bin Qasim police station, Gul says.

"We had to bury him quickly because his mouth and nose bled profusely. As we placed him in his grave, the last thing I remember was the white cloth [shroud] getting red from his blood," he adds.

Throughout the interview, it seemed Gul had no idea that his son was part of the Jeay Sindh Student Federation (JSSF), the student wing of the banned Jeay Sindh Muttahida Mahaz (JSMM). Over the period of four months several of its activists have been picked up by 'unknown people' and their bodies have been dumped later, mostly in Karachi, which is one of the bases for the party's activities.

During the interview, as Gul showed the pictures of his son's wedding three months back, one of the pictures started a slight argument between Gul and his neighbour.

In one of the pictures from his wedding, Shakeel is seen hugging the head of the student organisation's leader, Hafeez Peerzado. The neighbour asked him how he did not know about his son's affiliation with the party when he was pictured with the student leader.

"We invited a lot of people from across Sindh. There was the district officer present, too, that doesn't mean my son is best friends with all of them. It is part of our tradition to invite and respect our guests," Gul retorted.

Now, after his death, Shakeel's family is learning about his activities, which included holding rallies and shouting slogans against lack of resources and job opportunities at Sindh University from where he recently completed his graduation, according to his brother.

His wife, Sameena, 30, says she woke up after hearing the shouts coming from outside. "We don't know what he did at the university. These men didn't spare anyone. They also came in the zanana and beat everyone up. I asked them to show us the arrest warrant, that made them angrier," she adds.

Since his death, Gul says his only job is to sit in the veranda and clean his son's grave and water the plants next to it. The grave, draped with the flag of JSMM, does not bother him, he says. "They did what they had to do. Now what does it matter what colour of cloth is draped around his grave," he adds quietly.

Though it is repeatedly said that the situation in Sindh is similar to the one in Balochistan, Ustad Khalid Chandio, who was formerly associated with the Jeay Sindh Mahaz (JSM), says there are various "regional factors" to the increasing cases of 'kill and dump' in Sindh.

Explaining, he said: "There is a link between abrupt rise in militant Sindhi nationalism due to the changing regional scenario especially as a result of the Zulfikarabad project, Pak-China trade corridor and Gwadar port. In simple terms, vulnerable pockets in Sindh and Balochistan, with their genuine grievances, are being exploited through a proxy war by the rival states, at the moment, to thwart the trade-off between the two countries." Meanwhile, chairperson of the Human Rights Commission of Pakistan Zohra Yusuf said that there was an urgent need to look back at the history and learn from it. "We shouldn't be repeating the same mistakes. Because the strategy of crushing any movement in Sindh would backfire just like it did in Bangladesh and Balochistan.

*Published in Dawn, January 4th, 2015*

## ..وڏيئي سي واڍوڙيا، رت نہ ڏنو جن

# Foot-Prints- Kill & Dump in Sindh.

Saher Baloch

*Published in Dawn, December 14th, 2014*

**Sarwech Ali Pirzado's grave stands out in the ancestral Pirzado graveyard in Balhreji, Larkana district. A red Jeay Sindh Muttahida Mahaz (JSMM) flag is spread over the grave. Another party flag flutters beside it. Known as 'little Moscow', Balhreji has seen many socialist and communist movements, evidence of which is found on the main entrance to the street where the graveyard is located. There is a plaque here in memory of "social reformer Muhib Hussain Pirzado".**

The area has been in the spotlight in recent weeks, as the venue where families from across Sindh receive the tortured bodies of their relatives — activists of Sindh's nationalist parties who hailed largely from Larkana district.

Sitting on a charpoy in his modest home, Sarwech's father Lutuf Pirzado wore an expression of resigned acceptance as he mentioned his son's affiliation with the JSMM's student wing, the Jeay Sindh Students Federation (JSSF). Himself an active member of the Movement for the Restoration of Democracy in the 1980s, Lutuf received 15 lashes in prison for wall-chalking and demanding the release of communist leader Jam Saqi.

"A month before his abduction, we had a family discussion. Both his mother and I asked him to stay away from some of his friends. Their activities seemed suspicious to us," he said. The reason behind the discussion was the news of activists disappearing one by one in Karachi. Soon after, an announcement appeared in Daily Subh, a Sindhi-language newspaper, of Sarwech's resignation from the JSMM and its student organisation.

The 22-year-old was working as a sales manager in Karachi when on Sept 11 he went missing, "somewhere in Saddar", his father added.

The incident went unnoticed for over an hour until an employee of a courier service called his office around 6pm to inquire whether Sarwech would be picking up a letter he was supposed to. Search for Sarwech started soon after, with his father and brother going to Karachi, running from pillar to post to locate him. The police refused to register an FIR, so they went to the Sindh High Court.

While waiting for the hearing, they protested in front of the Karachi Press Club on Sept 23. In the meantime, a 'well-wisher' of the family sent a message to them through a relative that the young man had indeed been abducted by the security forces for a plot he was accused of hatching with his friends to target security installations. Sarwech's brother Inayat Ali recalled, "He also asked us to relax, as the man told my cousin that Sarwech seemed like he belonged to a good family. And they might release him because of that. We continued hoping, waiting for his release."

It took another few days to convince the authorities to register the FIR. But on Nov 30, they learned of his death. "One of our relatives heard it on TV and called from Karachi to inform us that two bodies had been found in Nooriabad, hands tied with gunshot wounds to the head," said his mother Mehrunnisa, a lady health worker in Larkana district.

Her face remained emotionless as she narrated how she was the one who informed the police that her son might have been abducted due to his past affiliation with the JSMM. "They looked at me, surprised. Then hushed me up for saying the word 'agency' out loud. I just want to know whether by abducting these young men are they trying to finish off the movement or bolstering it?"

Many in Larkana do not consider the JSMM as truly representing the poor. Others say that the recent abductions were a result of the separatist movement, mostly underground, gaining strength in recent years. One of the reasons for the recent surge in the 'kill-and-dump' phenomenon, earlier associated only with Balochistan, is said to be the growing proximity between Baloch separatists and their counterparts in Sindh.

In 2011, a picture of Sirai Qurban Khuhawar, senior vice chairperson of the JSMM at the time, Ruplo Choliani, Noor ul Haq Tunio and Nadir Bugti, went viral among nationalist groups on Facebook. Soon after, Khuhawar and Choliani's car was found torched near Sanghar. It was followed by a picture of Balaach Marri and the present JSMM leader Shafi Burfat on the internet. Locals say the proximity between JSMM and Baloch separatists continued till recently, resulting in enforced disappearances.

Another factor, pointed out by a former political activist of the Jeay Sindh Mahaz, Ustad Khalid Chandio, is that the JSMM is getting stronger even while being banned. "You must have heard people shrug off their cause saying their attacks are limited to 'cracker blasts'. But has anyone thought how the material for making a 'cracker bomb' is available to them? How a mere cracker blows up five to six feet of solid steel railway tracks? At the same time, there's some truth to

reports about India's interference in our region. We may ignore them but there's some truth there. This nationalist movement is not all black and white; there are many shades of grey."

Another factor he mentioned was that over the years, with the absence of governance, awami movements in Sindh were gradually being replaced by azadi movements. "Secularism is being wiped out in this country. Stoking a militant movement in Sindh is ideally a good shut-up call for the nationalists, good for creating conflict and confrontation amongst those seeking provincial autonomy and those seeking independence. All of this, in the end, is useful to justify torture against militant groups," he added. At present there's no ongoing strong movement for a 'Sindhudesh' in the province, Chandio argued, as was once imagined and explained in detail by G.M. Syed in his book about Sindhudesh.

When the question was put to the senior vice president of JSSF, Shehzad Manglo, whether there was a solution to the on-going kill-and-dump policy in the province, he politely said "an independent Sindh".

نونڌين نہ چڙهين تان تان پوءِ مَر پائي، جان جان.

# Protests over JSSF man's 'custodial death' hit Hyderabad, Badin

Dawn Report

**HYDERABAD: Following violent protests overnight near the Sindh University's boys hostel that had led police and the Rangers to beat up nationalist activists, lob teargas shells and fire into the air to disperse them, a complete strike was observed in Badin city and parts of several other towns of the district on Thursday against what was described as 'enforced disappearance and killing' of an activist of the Jeay Sindh Students Federation, the student wing of the Jeay Sindh Muttahida Mahaz (JSMM), in Larkana.**

The body of the activist, Asif Panhwar, was found near Moenjodaro airport late Wednesday evening months after he was allegedly taken away by police and plain clothe personnel in Hyderabad on August 15.

According to sources, Mr Panhwar was picked up in the Nasim Nagar area along with another JSSF activist, Raza Noohani, in a raid on the residence of Amir Hussain Azad Panwhar, the spokesman for the Jeay Sindh Qaumi Mahaz-Arisar group.

Mr Panhwar and Mr Noohani belonged to the JSMM's student wing, the Jeay Sindh Students Federation.

The body of Mr Panhwar was sent to Golarchi town in Badin district where his funeral took place.

As soon as the news of the 'missing' activist's death reached Hyderabad a couple of hours before midnight Wednesday, a number of charged student activists came out of the SU boys hostel and held a sit-in near its gate.

They raised slogans against the government, police and intelligence agencies and, according to police, some of them fired into the air.

Police and Rangers personnel rushed to the spot and baton-charged the protesters. They also fired shots into the air to disperse the activists.

However, the sit-in continued till 4am when law enforcers finally lobbed teargas shells to disperse them and reportedly picked up 40 of the participants.

Although the police denied having picked up any of them, sources said that 40 activists were taken to the Lunikot, Kotri, Nooriabad and Jamshoro police stations and most of them were released on Thursday morning. Those still detained were not identified, the sources said.

Meanwhile, situation on Thursday remained tense throughout the day at the SU campus, where classes could not be held. The point buses were not operated in the city area of Hyderabad to avoid an untoward incident.

An SU spokesman said that point buses did pick up students from the Hyderabad bypass and Kotri railway crossing but they didn't move into the Kotri and Hyderabad city areas or other places. He admitted that classes remained off but attributed the closure to the upcoming examinations. He said other academic activities on the campus remained by and large peaceful.

A student leader, Shiraz Pirzado, alleged that law enforcers fired into the air and lobbed teargas shells without any provocation.

**BADIN:** Badin city and Golarchi town came to a standstill while a partial strike was observed in several other towns of the district on Thursday in protest against the alleged custodial death of Asif Panhwar.

Angry activists of various nationalist groups took to the streets of the affected cities and towns to hold protests and observe mourning. They held a sit-in at the Badin section of the National Highway to condemn the killing and demand arrest of those responsible for his death. The sit-in was continuing when last reports came in late in the evening.

All business, trade, educational and commercial activities in Badin and Golarchi were kept suspended throughout the day while vehicular traffic on roads remained thin.

Kashif Panhwar, a brother of the JSSF activist, told the media that the government and senior police officials had continuously been approached ever since Asif Panhwar was taken away by the security agencies personnel.

The court of law had also been moved for his recovery but in vain, he added.

He said his friends had informed him on Tuesday that Asif had been freed and was on way home but only a day later he got the news about recovery of his body in Larkana.

In Golarchi, a complete shutterdown was observed in response to a joint call given by the Jeay Sindh Muttahida Mahaz, Jeay Sindh Qaumi Mahaz, Jeay Sindh Mahaz, Jeay Sindh Tehreek and other nationalist groups.

Several hundred people including political and student activists attended the funeral of Mr Panhwar in the town. He was buried in a local graveyard amid a tense atmosphere.

Mr Panhwar's close friends and party colleagues said he was the final year student of IT department at the Sindh University, Jamshoro. They claimed that

his body bore multiple bullet wounds. They said the body was dumped at a desolate place near Bakrani town of Larkana district.

Protest rallies were also organised by various factions of the Jeay Sindh Tehreek in Matli town, where a noisy demonstration was led by Ali Raza Sodho, Mohammed Ali Khaskheli, Rafiq Memon and Awais Khaskheli.

The leaders announced a shutterdown in Matli town on Friday.

A partial shutterdown strike was observed in Kario Ghanwar, Tarai and Khorwah towns of Shaheed Fazil Rahu taluka to condemn the killing.

Rashid Ali Panhwar and Sheeraz Ali Panhwar, the other brothers of the deceased activist, told journalists in Golarchi that their brother was killed in cold blood.

They accused security agencies of having kidnapped, tortured and killed him.

They claimed that his body bore marks of intense torture including burns.

*Published in Dawn, November 28th, 2014*

# AN APPEAL TO INTERNATIONAL STUDENTS ORGANIZATIONS, EDUCATIONAL UNIONS, UNESCO, HUMAN RIGHTS ORGS' AND HUMANITARIAN INSTITUTES.

Jssf (Jsmm) on the account of Sindhi Students want to clarify facts in front of global organizations mentioned above.

As, in present time when educational standards are reaching at the peaks of progress & students are declared as backbone of society. In the mean time in our occupied country 'Sindhudesh', Educational Institutes, Curricular standards and even lives of Sindhi Students are handed-over to long-boated armed Rangers'. These armed personnel are masters of black & white in universities academic & Administrational issues of institutes to spread fear & strengthen the extremist religious student wings in the campuses, which are real threat to international peace, Progress & Prosperity. These armed force men are fully fledged by government, establishment & intelligence agencies of Pakistan to more reliable the oppression of Pakistan over Sindh.

Evidences for Implications of Spy Agencies of Pakistan & Ranger can be concerned as in many cases arrested Sindhi students are handed over to Intelligence Agencies (I.S.I, M.I) which are either killed or imprisoned for several months.

International Scholarships & fund granted for Sindh are either engulfed by Government officials or are distributed in Punjabi, Pathan Students.

Therefore, Jeay Sindh Students Federation (JSMM) appeals Secular, Democratic, Socialist, Humanitarian student organizations, UNESCO & Human Rights Protecting Firms to take severe notice of State Atrocities on Sindhi students and help JSSF(JSMM) for Restoration of Education, Student Unions & Global Student Alliances.

# شاعري

•وجهن بُت باهن ۾ يا گهائي وجهن گهاءَ،
گهور تو تان سنڌڙي سارا ساهہ پساهہ،
ڪانهي ڪا پرواهہ، وڃبا جنم وري وري.

• گوريلي جي گولي جي گونجار يار اهڙي آ،
۽ پٽائي جي بيتن سان تنبوري تار اهڙي آ،
ٻنهي جي مقدس موسيقي اثر اهڙو رکي ٿي جو
سنڌ لاءِ ساڀيان سورن جي، دشمن لاءِ تلوار ڌار جهڙي آ.

• قومي ڌوهاري سان جنگ آ ضروري،
اهڙي دشمن قهاري سان جنگ آ ضروري،
پنهنجن جون غلطيون ڪبيون معاف آهن،
پر وجود جي ويري سان جنگ آ ضروري.

• اي قومن جا قاتل، او! نسلون حرامي،
ڪبي ڪيئن قبول تنهنجي غلامي،
تو تي لعنت عبادت ٿا عظيم سمجهون،
اي بن قاسم جا پوئنير، او! يزيديت جا حامي.

• جيسين ساهن جا سلسلا رهندا،
تنهنجي ظلمتن لاءِ زلزلہ رهندا،
عذابن آڳيان ڪين جهڪبو ڪڏهن بہ
بلند عشق ۽ ايمان سندا حوصلا رهندا.

(منصور سنڌي)..